روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر 28 مئي 2023ع بمطابق 07 ذوالقعد 444 1ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 03

مون کي نااهل ڪيو ويو ته پارٽي شاهه محمود قريشي هلائيندو: عمران خان

فوج سان ڪا ويڙهه ناهي، فوج منهنجي آهي، جلد وقت تبديل ٿيڻ وارو آهي ۽ اينڊز ڏينهن ۾ وڏا سرپرائز ڏيندس

موجوده حڪومت ملڪي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو، چونڊن ڪانسواءِ ڪو حل ناهي، جيڪي ڇڏيندا پيا وڃن، ڪجهه مجبور ۽ ڪجهه وائڪا ٿيا

پارٽي لاءِ نوجوان بهترين سرمايو آهن ۽ ٽڪيٽ انهن جو حق آهي، جڏهن ته عارف علوي آئين موجب ڪم ڪندو، حلف ڏيان ٿو ته تشدد ۽ پيچ ڊاهه ڪڏهن ناهي ڪئي

چونڊون پي ٽي آءِ کٽيندي، مون کي گرفتار، نااهل ۽ قتل ڪرڻ تائين پلاننگ ٿي چڪي آهي، اڄ به ريفرنڊم ڪرايو ته نتيجو سامهون اچي ويندو

اليڪشن رڳو پي ٽي آءِ کٽيندي، مون کي گرفتار ڪيو ويو، نااهل ڪيو ويو ۽ مارڻ جي به رٿابندي ڪئي وئي، اڄ به ريفرنڊم ڪرايو ۽ نتيجو ڏسو، قسم کڻي چوان ٿو ته ڪڏهن به تشدد ۽ پيچ ڊاهه نه ڪئي

جيڪي ڇڏي رهيا آهن انهن مان ڪجهه مجبور آهن ۽ ڪجهه بي نقاب آهن، نوجوان پارٽي جو بهترين سرمايو آهن ۽ ٽڪيٽ سندن حق آهي

لاهور (م ر) زمان پارڪ لاهور ۾ عمران خان صحافين ۽ وڪيلن سان ملاقات ڪئي ۽ موجوده صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي هن چيو ته مون کي نااهل ڪيو ويو ته شاهه محمود قريشي پارٽي هلائيندو، مراد سعيد مستقبل جو ليڊر آهي هن چيو ته فوج سان ڪنهن جي به ويڙهه ناهي، هي فوج منهنجي آهي، وقت جلد تبديل ٿيڻ وارو آهي ۽ اينڊز ڏينهن ۾ وڏو سرپرائز ڏيندس. موجوده حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان (فائيل فوٽو)

پي ٽي آءِ اڳواڻ علي زيدي پارٽي ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ اڳواڻ علي زيدي به تحريڪ انصاف ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي، پنهنجي هڪ وڊيو بيان ۾ علي زيدي 9 مئي واقعن جي مذمت ڪندي چيو ته ڪافي سوچ ويچار ڪان پوءِ سياست ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو آهي، پي ٽي آءِ جي سمورن عهدن تان استعيفائون ڏئي رهيو آهيان هن چيو ته اسان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سپريم ڪورٽ جي حڪم نامي جي روشني ۾ آڊيو ليڪس انڪوائري ڪميشن ڪارروائي روڪي ڇڏي

جڊيشل ڪميشن جي سربراهه جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 3 رڪني ڪميشن جو اجلاس ٿيو

سگهي ٿو جن ماڻهن جون آڊيوز آهن، انهن پاڻ جاري ڪيون هجن يا ٿي سگهي ٿو ته عبدالقيوم صديقي پنهنجي آڊيو جاري ڪئي هجي: قاضي فائز عيسيٰ

جج کي پئسا ڏيڻ جي ڳالهه ٿي رهي آهي پر جاچ تي اسٽي اچي ٿو وڃي، جڏهن بابت آڊيوز اچن ته جاچ ٿيڻ گهرجي، پرائيويسي جي آڙ ۾ ڇا ڪنهن الزام جي جاچ نه ٿيڻ گهرجي

مون کي ڪير مرضي جي فيصلي لاءِ رقم آفر ڪري ته ڇا اها گفتگو به پرائيويسي ۾ ايندي؟ ڇا رستي ۾ ڪو حادثو ٿي وڃي ته ان جي وڊيو جاري ڪرڻ پرائيويسي خلاف هوندو؟

جج جي حلف ۾ ڪليل آهي ته فرض آئين ۽ قانون تحت ادا ڪندس، انڪوائري ڪميشن هڪ قانون تحت ٺهي آهي، ڪميشن آف انڪوائري ايڪٽ تحت اها ڪميشن ناهي وئي

ڪميشن کي ٻڌڻي کان اڳ نوٽيس ئي نه ڪيو ويو ته ڪم ڪان ڪيئن روڪيو ويو؟ انڪوائري ڪميشن کي ٻڌڻ بنا ئي 5 رڪني بئنچ آرڊر ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (م د) مبينا آڊيو ليڪس جي جاچ لاءِ قائم جڊيشل ڪميشن سپريم ڪورٽ جي حڪم نامي جي روشني ۾ ڪارروائي روڪي ڇڏي. جڊيشل ڪميشن جي سربراهه جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 3 رڪني ڪميشن جو اجلاس ٿيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جا چيف جسٽس عامر فاروق ۽ نعيم افغان ڪميشن جو حصو آهن. اٽارني جنرل منصور عثمان ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

مبينا آڊيو ليڪس جي جاچ لاءِ قائم جڊيشل ڪميشن ۾ شامل ججن جا فائيل فوٽو

جهانگير ترين جا تحريڪ انصاف ڇڏيندڙن سان رابطا، ڪيترائي اڳواڻ گروپ ۾ شموليت لاءِ راضي

جهانگير ترين گروپ تحريڪ انصاف ڇڏيندڙ اڳواڻن ۽ اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن سان رابطا ڪيا

جهانگير ترين ويجهڙ ۾ 100 کان وڌيڪ اڳواڻن سان رابطا ۽ ملاقاتون ڪري چڪو آهي : ذريعا

فواد چوڌري ۽ فردوس عاشق اعوان به جهانگير ترين سان رابطي ۾ آهن

خيبر پختونخواهه مان به ڪيترائي اڳواڻ جهانگير ترين سان رابطي ۾ آهن

لاهور (م د) جهانگير ترين گروپ تحريڪ انصاف ڇڏيندڙ اڳواڻن ۽ اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن سان رابطا ڪيا آهن. ذريعن موجب تحريڪ انصاف جا ڪيترائي اڳواڻ جهانگير ترين گروپ ۾ شموليت لاءِ راضي آهن. جهانگير ترين ويجهڙ ۾ 100 کان وڌيڪ اڳواڻن سان رابطا ۽ ملاقاتون ڪري چڪو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته فواد چوڌري ۽ فردوس عاشق اعوان به جهانگير ترين سان رابطي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پي ٽي آءِ ڇڏيندڙ فردوس عاشق اعوان، فواد چوڌري ۽ جهانگير ترين (فائيل فوٽو)

تحريڪ انصاف مالي بحران جو شڪار: ملازمن جون پگهارون بند، جاري ڪيل چيڪ بائونس ٿي ويا

راولپنڊي (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف مالي بحران جو شڪار ٿي وئي آهي جنهن سبب ملازمن کي پگهارون نه پيون ملن ۽ ان سلسلي ۾ جاري ٿيندڙ چيڪس به بائونس ٿيڻ لڳا آهن پي ٽي آءِ جي مرڪزي عهديدارن طرفان پارٽي ڇڏڻ ۽ عهدن تان استعيفائن کان پوءِ پارٽي کي سخت نقصان پهتو آهي. پارٽي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پي ٽي آءِ ڇڏيندڙ 26 اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن جو ٻي پارٽي سان رابطو

رابطو ڪندڙن ۾ فيض الله ڪموڪا، چوڌري اخلاق ۽ ٻيا شامل آهن: ذريعا

پي ٽي آءِ ڇڏيندڙ ميمبرن پارٽي ۾ شموليت جي خواهش ظاهر ڪئي

تحريڪ انصاف ڇڏيندڙ ميمبرن جي ايڊجسٽمينٽ جو اختيار به چوڌري سرور کي ڏنو ويو آهي

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف ڇڏيندڙ 26 اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن ق ليگ قيادت سان رابطو ڪيو آهي. ذريعن موجب رابطو ڪندڙن ۾ فيض الله ڪموڪا، چوڌري اخلاق ۽ ٻيا شامل آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ ڇڏيندڙ ميمبرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

فضل الرحمان لنڊن روانو، نواز شريف سان ملاقات ڪندو

فضل الرحمان ڪجهه ڏينهن برطانيا ۾ ترسندو : ذريعا

جي يو آءِ سربراهه شهرن ۾ پارٽي ڪارڪنن سان به ملاقاتون ڪندو

اسلام آباد (م د) پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان لنڊن روانو ٿي ويو ذريعن موجب مولانا فضل الرحمان لنڊن ۾ ن ليگ قائد نواز شريف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وفاقي حڪومت پاران ايندڙ مالي سال جو بجيٽ 9 جون تي پيش ڪرڻ جو فيصلو

مالي سال 2024_23 جي بجيٽ سلسلي ۾ سالياني پلان ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جو اجلاس 2 جون تي طلب ڪيو ويو

قومي اقتصادي ڪائونسل جو اجلاس 3 جون تي ٿيندو جنهن جي صدارت وزيراعظم شهباز شريف ڪندو

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت ايندڙ مالي سال جو بجيٽ 9 جون تي پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي.نائي واري وزارت موجب مالي سال 2024_23 جي بجيٽ سلسلي ۾ سالياني پلان ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جو اجلاس 2 جون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف سان مملڪتي وزير عائشه غوث ملاقات ڪري رهي آهي

چيف جسٽس طوفان ڪميشن کي ڪم کان روڪڻ ئي سندس گناهگار هجڻ جو ثبوت آهي: مريم نواز

انصاف جي سيني کان وڏي ڪرسي تي ويٺل شخص پنهنجي عهدي کي احتساب کان بچڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي

جيڪڏهن اوهان جي سس پاڪ صاف آهي ته ڇا ان کي قانون کي منهن نه ڏيڻ گهرجي؟

عمر عطا بنديال پنهنجي خاندان کي بچائڻ جي لاءِ قانون جو مذاق ۽ عدليه کي تماشو بنائڻ جي ڏوهه ۾ سزا جو حقدار آهي

لاهور (م د) مسلم ليگ (ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته چيف جسٽس جو ڪميشن کي ڪم کان روڪڻ ئي سندس گناهگار هجڻ جو ثبوت ۽ اعتراف آهي، سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي ٽوئيٽ ڪندي مريم نواز چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

شاهه محمود قريشي سميت پي ٽي آءِ جي 9 اڳواڻن جا ڊپلوميٽڪ پاسپورٽس منسوخ

ڊائريڪٽوريٽ آف پاسپورٽ اينڊ اميگريشن طرفان تحريڪ انصاف جي 9 سياسي اڳواڻن جا ڊپلوميٽڪ پاسپورٽ منسوخ ۽ غير فعال ڪيا ويا

عون عباسي، شاهه محمود قريشي، اسد عمر، پرويز خٽڪ، علي امين گنڊاپور، علي محمد خان جا پاسپورٽ منسوخ ڪيا ويا

فرخ حبيب، زرتاج گل، اعظم خان سواتي ۽ عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد جو به ڊپلوميٽڪ پاسپورٽ منسوخ ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) وفاقي سرڪار شاهه محمود قريشي، اسد عمر، پرويز خٽڪ ۽ شيخ رشيد سميت پي ٽي آءِ جي 9 سياسي اڳواڻن جا سفارتي پاسپورٽ منسوخ ڪري ڇڏيا آهن. رپورٽ موجب ڊائريڪٽوريٽ آف پاسپورٽ اينڊ اميگريشن طرفان تحريڪ انصاف جي 9 سياسي اڳواڻن جا ڊپلوميٽڪ پاسپورٽ منسوخ ۽ غير فعال ڪيا ويا آهن جن اڳواڻن جا پاسپورٽ منسوخ ڪيا ويا آهن انهن ۾ عون عباسي، شاهه محمود قريشي، اسد عمر، پرويز خٽڪ، علي امين گنڊاپور، علي محمد خان، فرخ حبيب، زرتاج گل، اعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

گلگت بلتستان ۾ برفاني ڇپ ڪرڻ سبب 10 ڄڻا فوت

ضلعي استور ۾ شونٽر ٽاپ تي برفاني ڇپ ڪرڻ سبب 10 ڄڻا زخمي به ٿيا

حادثي واري جڳهه ڏانهن ريسڪيو ٽيمون ۽ ايمبولينسون روانيون ڪيون ويون

استور (م د) گلگت بلتستان جي علائقي استور ۾ برفاني ڇپ ڪرڻ سبب 10 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن مقامي اختيارين موجب گلگت بلتستان جي ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

احسن اقبال روسي تيل اچڻ سان پيٽرول جي قيمت 100 روپيه گهٽ ٿيڻ وارين خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي

پيٽرول جي قيمت 100 روپين تائين گهٽ ٿيڻ جو ايترو وڏو فرق نه پوندو پر پيٽرول جي قيمت گهٽ ضرور ٿيندي : احسن اقبال

روس مان وڌيڪ تيل پاڪستان ايندو ته ان سان پاڪستان ۾ پيٽرول جون قيمتون گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ملندي

پيٽروليم شين جون قيمتون گهٽ ڪرڻ جي حوالي سان افواهن جو هڪ نه رڪجندڙ سلسلو جاري آهي

اسلام آباد (م د) روس مان تيل پاڪستان اچڻ تي پيٽروليم شين جون قيمتون گهٽ ڪرڻ جي حوالي سان افواهن جو هڪ نه رڪجندڙ سلسلو جاري آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

وفاقي وزير احسن اقبال (فائيل فوٽو)

سنڌ جي اڳوڻي گورنر عمران اسماعيل پي ٽي آءِ ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

پوڻا چار سال حڪومت ۾ رهيس. اڻتجربيڪار ماڻهو عمران خان سان گڏ هئا: عمران اسماعيل

27 سالن جي جدوجهد ڪان پوءِ ملندڙ حڪومت پوڻا چار سال ۾ ختم ٿي وئي

منهنجو خاندان فوج ۾ نه آهي پر منهنجو دل پاڪ فوج سان گڏ آهي، ننڍپڻ ۾ خواهش هئي ته جي ڊي پائليٽ بڻجان


سنڌ جو اڳوڻو گورنر عمران اسماعيل پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اڳوڻي گورنر ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي ريجهي ساٿي عمران اسماعيل تحريڪ انصاف کي ڇڏڻ جو اعلان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اي ٽي سي عدالت سنڌ جي اڳوڻي گورنر عمران اسماعيل کي آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

عدالت عمران اسماعيل کي بي ڏوهي قرار ڏيندي پوليس جي رپورٽ منظور ڪري ورتي

عمران اسماعيل کي 50 هزار روپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو

ڪراچي (م د) اي ٽي سي عدالت تحريڪ انصاف اڳواڻ ۽ سنڌ جي اڳوڻي گورنر عمران اسماعيل کي وڌ رليف ڏئي ڇڏيو شاهدين نه هجڻ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪور ڪمانڊر هائوس حملو: سينيٽر اعجاز چوڌري جي آڊيو ليڪ

آڊيو ليڪ ۾ اعجاز چوڌري چوي ٿو ته هنن ڪور ڪمانڊر هائوس کي تباهه ڪري ڇڏيو

ٻوڙن ڪان وٺي گهر جي ڪا به شيءِ ناهي بچي، سڀ ڪجهه تباهه ڪري ٻاهه ڏني وئي

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ اڳواڻ اعجاز چوڌري ۽ سندس پٽ علي چوڌري جو جناح هائوس حملي ۾ ڪردار سامهون اچي ويو آهي.اعجاز چوڌري جي هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پي ٽي آءِ اڳواڻ علي زيدي پارٽي ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪندي، ٻئي پاسي عمران خان سان گڏ ويٺل آهي

سنڌ حڪومت تعليم جي شعبي ۾ سڌارن لاءِ انقلابي قدم کڻي رهي آهي: سردار شاهه

ٽيچرنگ لائسنس پاليسي جي منظوري بعد هاڻي ڊاڪٽرز ۽ انجنيئرز جيان ٽيچرز کي به امتحان پاس ڪري لائسنس وٺڻو پوندو

موجوده استاد به ٽيچنگ لائسنس حاصل ڪري پنهنجي گريڊ ۾ پروموشن حاصل ڪري سگهن ٿا

پرائيويٽ اسڪولن ۾ ٽيچنگ لائسنس هولڊرز کي ترجيحي بنيادن تي ڀرتي ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي تعليم ۽ ثقافت واري وزير سيد سردار علي شاهه چيو آهي ته سنڌ حڪومت تعليم جي عبي ۾ سڌارن لاءِ انقلابي قدم کڻي رهي آهي، ٽيچرنگ لائسنس پاليسي جي منظوري بعد هاڻي ڊاڪٽرز ۽ انجنيئرز جيان ٽيچرز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: سنڌ جي تعليم ۽ ثقافت وارو وزير سيد سردار علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي

اڳوڻو وفاقي وزير خسرو بختيار به تحريڪ انصاف کان پاسيرو ٿي

لاهور (م د) اڳوڻو وفاقي وزير خسرو بختيار به تحريڪ انصاف کان پاسيرو ٿي ويو پنهنجي وڊيو بيان ۾ خسرو بختيار چيو ته هڪ سال اڳ پارٽي جي اعليٰ قيادت کي چيو هو ته ادارن سان ويڙهه نقصان پهچائيندي،هن چيو ته پي ٽي آءِ جي ڪور ڪميٽي جي ميمبر شپ ۽ ڏکڻ پنجاب جي صدارت به سال اڳ ڇڏي ڏني هئي، سندس موجب 9 مئي جي افسوسناڪ واقعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پيءُ پٽن سان گڏجي ڌيءُ کي غيرت جي نالي تي جيئرو ساڙي ڇڏيو

معصوم بي بي کي پيءُ پنهنجي پٽن ۽ ڏيٽن سان گڏجي پيٽرول هاري باهه ڏني

پيءُ، ڀائرن ۽ ڀينرن گڏجي ساڙيو آهي : فوتگي کان اڳ ناري جو بيان

جهنگ (م د) جهنگ ۾ پيءُ مبينا طور پنهنجي ڌيءُ کي غيرت جي نالي تي جيئرو ساڙي ڇڏيو پوليس موجب جهنگ جي وسندي ڊب ۾ معصوم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

هاڻ معافي جو وقت گذري ويو، عمران خان کي مصيبت ۾ ڏسي رهيو آهيان: منظور وساڻ

عمران خان سان گڏ هاڻ ڪوبه نه رهندو، پي ٽي آءِ پيچ ڊاهه جو شڪار ٿي چڪي آهي

نئين پارٽين کي وجود ۾ ايندي ڏسي رهيو آهيان، نئين پارٽين جي قيادت پيا ڪندا

پي ٽي آءِ کي ڇڏيندڙ (ق) ليگ، پ پ، (ن) ليگ ۽ ڪجهه نئين پارٽين ۾ شامل ٿيندا

ڪراچي (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ منظور وساڻ چيو آهي ته هاڻ معاف جو وقت گذري ويو آهي، عمران خان کي مصيبت ۾ ڏسي رهيو آهيان، پنهنجي هڪ بيان ۾ منظور وساڻ چيو ته عمران خان سان گڏ هاڻ ڪوبه نه رهندو پي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: پيپلز پارٽي جي اڳواڻ منظور وساڻ ۽ تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان

ايراني فورسز ۽ افغان طالبان وچ ۾ پاڻي جي تڪرار تان جهڙپون

طالبان ايراني پوليس اسٽيشن تي هر قسم جا خطرناڪ هٿيار استعمال ڪيا

جهڙپن ۾ ننڍن ۽ هلڪن ننڍن هٿيارن ۽ توپ خاني جو استعمال ڪيو ويو

تهران (م د) ايراني پوليس "جاني نقصان" بابت آگاهه ڪرڻ ڪانسواءِ چيو آهي ته ايران ۽ افغانستان سرحد تي ايراني فورسز ۽ افغان طالبان وچ ۾ پاڻيءَ جي تڪرار تان جهڙپون ٿيون آهن.ايران جي سرڪاري نيوز ايجنسي پوليس فورس فورس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

عالمي مارڪيٽ ۾ سون سستو، پاڪستان ۾ مهانگو

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ اڄ سون جي قيمت ۾ واڌ سامهون آئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب 450 رپيا واڌ ڪانپوءِ ملڪ ۾ في تولي سون جي قيمت 2 لک 36 هزار 200 رپيا ٿي وئي هي، اهڙي ريت 10 گرام سون 385 رپيا واڌ ڪانپوءِ به لک 2 هزار 503 رپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 6 ڊالر گهٽجڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

جناح اسپتال جي اڳوڻي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سيمي جمالي لاڏاڻو ڪري وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي جناح اسپتال جي اڳوڻي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سيمي جمالي لاڏاڻو ڪري وئي، خانداني ذريعن موجب ڊاڪٽر سيمي جمالي ڪيترن ئي ڏينهن کان نجي اسپتال ۾ علاج هيٺ هئي، هوءِ ڪينسر جي عارضي ۾ مبتلا هئي.سيمي جمالي جي جنازي نماز اڄ ٿي ٿيڻي جي نماز ڪانپوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: جناح اسپتال جي اڳوڻي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سيمي جمالي (فائيل فوٽو)

سي ٽي ڊي پنجاب جون ڪارروايون، پابندي مڙهيل تنظيمن جا 12 دهشتگرد گرفتار

ڳجهي اطلاع تي ٿيندڙ آپريشن سرگودها، راولپنڊي، ملتان، بهاولپور ۽ گوجرانوالا ۾ ڪيا ويا : سي ٽي ڊي ترجمان

دهشتگردن وٽان بارودي مواد، خودڪش جيڪيٽ، ڊينونيٽر، هينڊ گرينيڊ، هٿيار گولين ۽ روڪ رقم هٿ آئي آهي

لاهور (م د) دهشتگردي جي امڪان کي نظر ۾ رکندي سي ٽي ڊي انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائين دوران 12 دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو آهي، سي ٽي ڊي ترجمان موجب ڳجهي اطلاع تي ٿيندڙ آپريشن سرگودها، راولپنڊي، ملتان، بهاولپور ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نيوسعيد آباد ۾ پرائمري استاد کي نامعلوم هٿياربندن گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

استاد الهه رکيو تي نامعلوم هٿياربندن حملو ڪري تيزاوزار سان ڳلو ڪپڻ بعد مٿس فائرنگ ڪري قتل ڪري فرار ٿي ويا

فائرنگ جي آوازن تي ڳوٺاڻا پهچي ويا جن پوليس کي اطلاع ڪيو جنهن بعد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

نيوسعيد آباد (رپورٽر) ڳوٺ جمال ڏاهري واسي پرائمري استاد اسڪول ويندي نامعلوم هٿياربندن هٿان بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو. پرائمري استاد الهه رکيو ولد الله بخش ڏاهري ڳوٺ سعيد خان لغاري جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهائڻ لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ملڪ ساڙيندڙ دهشتگردن سان ڪي ڳالهيون نه ٿينديون: نواز شريف

ڳالهيون رڳو سياستدانن سان ڪيون وينديون آهن

شهيدن جي يادگارن کي ساڙيندڙ تخريبڪارن سان ڳالهيون نه ٿينديون

لنڊن (م د) ن ليگ قائد نواز شريف چيو آهي ته شهيدن جي يادگارن کي ساڙيندڙ تخريبڪارن سان ڳالهيون نه ٿينديون ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ نواز شريف چيو ته ڳالهيون رڳو سياستدانن سان ڪيون وينديون آهن. ملڪ کي باهه ڏيندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پنڊي : عمران خان ۽ ٻين اڳواڻن خلاف "غدار پاڪستان" جا بينر لڳل نظر اچي رهيا آهن

سمرت ڪمار جي اغوا خلاف احتجاج، سنڌ سرڪار ڌاڙيل راڄ خلاف ناڪام وئي: قوم پرست

نينگر جي بازيابي لاءِ پنچائتي هال کان احتجاجي ريلي ڪڍي جامع مسجد چوڪ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪشمور، ڪنڌڪوٽ سميت لاڙڪاڻو ۽ سکر ڊويزن ۾ ڌوهارين جو راڄ وڌي ويو آهي :مکي انيل ڪمار

پوليس نينگر جي بازيابي لاءِ ڪو به تحرڪ ناهي ورتو جنهن سبب هندو برادري ۾ خوف جي لهر ڇانيل آهي

ڪراچي/حيدرآباد/سکر (نمائندن وٽان) ڏهرڪي ۾ هندو پنچائت جي سڏ تي هندو برادري ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن پاران پنج ڏينهن اڳ ڪنڌڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

آمريڪي سينيٽر پاران پاڪستان جي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار

پاڪستان ۾ گوڙ گمسان نه، استحڪام چاهيون ٿا : سينيٽر بابت مينينڊيز

سينيٽر ڪورنين چيو آهي ته هو معاملو آمريڪي سينيٽ ۾ اٿاريندو : پي ٽي آءِ آمريڪا جا اڳواڻ

آمريڪي سينيٽر جان ڪورنين سان پي ٽي آءِ آمريڪا جي اڳواڻن سجاد برڪي ۽ عاطف خان ملاقات ڪئي

واشنگٽن (م د) آمريڪي سينيٽ جي پرڏيهي معاملن بابت ڪميٽي جي سربراهه سينيٽر باب مينينڊيز پاڪستان ۾ انساني حقن جي صورتحال تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جيڪب آباد ۾ تحريڪ انصاف اڳواڻ راجا جکراڻي جي گهر تي پوليس جو ڇاپو

جيڪب آباد(رپورٽر) جيڪب آباد ۾ تحريڪ انصاف جي اڳواڻ راجا جکراڻي جي گهر تي پوليس جو ڇاپو، تحريڪ انصاف جو اڳواڻ هٿ نه آيو پوليس اٿالن راجا جکراڻي جي گهر کي ڪڙو چاڙهي جهڙتي ورتي، راجا جکراڻي هٿ نه اچڻ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پارٽي ايجنسي جو ياسين ملڪ کي موت جي سزا لاءِ دهلي هاءِ ڪورٽ سان رابطو

نئين دهلي (م د) پارٽي ايجنسي اين آءِ اي ڪشميري اڳواڻ ياسين ملڪ کي موت جي سزا لاءِ دهلي هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪري ورتو ڪشمير ميڊيا سروس موجب دهلي هاءِ ڪورٽ ۾ اين آءِ اي جي درخواست تي ٻڌڻي 29 مئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي جي آبادي سنڌ جي ڪل آبادي ڪان 50 سيڪڙو وڌيڪ آهي: مصطفيٰ ڪمال

ڪراچي جي مسئلن جو سبب سنڌ حڪومت آهي

سنڌ پاڪستان جي ڪرنا مان 36 هزار 370 ملين گيلن پاڻي حاصل ڪري ٿي

ڪراچي(م د) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته زرداري صاحب جيڪڏهن بلاول کي وزيراعظم بڻائڻ چاهي ٿو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پنڊي ۾ عمران خان ۽ ٻين اڳواڻن خلاف بينر لڳي ويا

تحريڪ انصاف جي اڳواڻن جي تصويرن تي "غدار پاڪستان" جا لفظ لکيا ويا

بينرز تي پاڪستان جي غداريءَ جي ڏينهن جي مذمت به لکيل

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مري روڊ، صدر ۽ ڪچهري چوڪ سميت ڪيترن ئي شاهراهن تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن جي تصويرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

سکر: شاھ عبداللطيف يونيورسٽي ۾ پيس ڊيولپمينٽ ڪور پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي

اسان جو ملڪ پاڪستان جي مسلح فوج جي مدد سان محفوظ آهي جي ادارو مستحڪم آهي جنهن جي ڪري اسان جو ملڪ مڪمل طور تي محفوظ آهي: ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو

جنگين دوران هزارين سپاهي ۽ آفيسر شهيد ٿيا ۽ دهشتگردي ۽ خلاف جنگ ۾ به دهشتگردن ۽ شرپسندن خلاف جنگ ۾ شهيد ٿيا

دهشتگردي ۽ خلاف جنگ ۾ دهشتگردن ۽ شرپسندن خلاف جنگ ۾ شهيد ٿيا، وقت جي ضرورت آهي ته اسان پنهنجي فوج جي ڀرپور احترام ڪيون

سکر(رپورٽ)امداد علي گل ڪلوڙ شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۽ پيس ڊيولپمينٽ ڪور پاران وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو جي قيادت ۾ پاڪ فوج سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

شيخ پرڪيو پرسان
ڳوٺاڻا پاران بااثر جي
ظلمن خلاف احتجاج

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي)شيخ پرڪيو جي ڳوٺ علي خان وساڻ جي رهواسين جو بااثر جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو خبرموجب شيخ پرڪيو جي ڳوٺ علي خان وساڻ جي رهواسين اختيار وساڻ اسد وساڻ سرفراز وساڻ مختيار وساڻ علي وساڻ ياسين وساڻ ۽ احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي ڳوٺ جو بااثر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر: شاھ لطيف يونيورسٽي ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ نڪتل ريلي جو ڏيک

نوشهروفيروز ۾ حملو ڪري زخمي ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

ڳوٺ سائين رکيو چانڊيو واسڻ عورت فوزيا چانڊيو مڙس ممتاز چانڊيو ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ احتجاج ڪيو

جوابدارن غلام شبير ۽ عبدالصمد چانڊيو معمولي ڳالهه تان حملو ڪري ڏنڊا ۽ پاڃاري هٿي زخمي ڪيو: متاثر

نوشهروفيروز(رپورٽ)حملو ڪري زخمي ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ عورت جو پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڳوٺ سائين رکيو چانڊيو واسڻ عورت فوزيا چانڊيو مڙس ممتاز چانڊيو ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ان موقعي تي ميڊيا اڳيان دانهيندي عورت چيو ته جوابدارن غلام شبير ۽ سندس پٽ عبدالصمد چانڊيو معمولي ڳالهه تان حملو ڪري ڏنڊا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز ۾ شهيد پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قاتلن کي گرفتار نہ ڪرڻ خلاف ڌرڻو

جنرل سيڪريٽري شوڪت نوناري، سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي، يونس راڄپر ايڊووڪيٽ عبدالستار لهراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پ پ جي نااهل حڪومت ۾ رشوت ڏئي آيل آفيسرن جي ڪري سنڌ ۾ قبيلائي جهيڙا وڌي ويا آهن: مظاهرين جون دانهون

ڌاڙيلن، دهشتگردن ۽ قاتلن جو راڄ قايم آهي، هنن چيو ته شهيد اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري ۽ تائين احتجاج جاري رهندو

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) جي ڊبليو سي پاران شهيد پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قاتلن کي گرفتار نہ ڪرڻ خلاف پريس ڪلب کان الله چونڪ نوشهروفيروز ائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو جنهن کي خطاب ڪندي مرڪزي جنرل سيڪريٽري شوڪت نوناري، سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي، يونس راڄپر ايڊووڪيٽ عبدالستار لهراڻي عبدالشڪور عباسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سيوهڻ: قبضا مافيا ضلعي
انتظاميه جامشورو ۽ تعلق
انتظاميه سيوهڻ کان زور ٿي وئي

سيوهڻ(رپورٽر) سيوهڻ ۾ قبضا مافيا ضلع انتظاميه جامشورو ۽ تعلق انتظاميه سيوهڻ کان زور ٿي وئي ضلع انتظاميه جامشورو ۽ تعلق انتظاميه سيوهڻ قبضا مافيا پاران ڪيل سيوهڻ ۾ قبضا ختم ڪرائڻ ۾ بلڪل ناڪام نظر اچي رهي آهي، سيوهڻ جي انڊس هاءِ وي روڊ جيڪو حيدرآباد ڏانهن وڃي ٿو لال باغ ويجهو ريلوي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز: اجمل ساوند جي قتل واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

شڪارپور پوليس ڪارروائي ڪري مغوي کي بازياب ڪرائڻ جي دعوي

حد جي پوليس اطلاع تي نبي شاھ وڳڻ ويجهو قادري شاخ لنڪ روڊ تي ناڪابندي ڪري ڇڏي

پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ ڌاڙيلن پنهنجو گهيرو تنگ ڏسي مغوي کي ڇڏي فرار ٿي ويا

محمد رمضان ولد محمد رستم لولائي کي ڏوهاري هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ويا هئا

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) ضلعي لاڙڪاڻو جي تعلقي رتوديرو جي حد مان هڪ مهينو اڳ رهواسي ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ بدو جي 50 ورهين جي محمد رمضان ولد محمد رستم لولائي کي ڏوهاري هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ويا هئا. ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد جي حڪم تي اي ايس پي سٽي/خانپور سيد فاضل شاھ. ايس ايچ او بدو ۽ اسپيشل ٽيم جي نگراني ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

شهدادڪوٽ ۾ ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل 8 ورهين جي معصوم ثمرت ڪمار جي بازيابي لاءِ مظاهرو

ايس يو پي اڳواڻ حاڪم خان مستوئي، حمل خان خشڪ، الهداد خشڪ، اڳوڻي ڪائونسلر انيل ڪمار، موتبر چانڊيو، انور مغل ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سنڌ اندر اغوا، ڌاڙا ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن. ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل معصوم ثمرت ڪمار کي هفتو گذرڻ باوجود پوليس بازياب ڪرائي ناهي سگهي: مظاهرين

پڪريل بيچيني ختم ڪري علائقي ۾ امن امان قائم ڪري سنڌ جي عوام کي تحفظ فراهم ڪري ڌاڙيلن خلاف آپريشن ڪري ڌاڙيل ڪلچر جو سنڌ مان خاتمو آندو وڃي

شهدادڪوٽ(شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ڪارڪنن ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل 8 ورهين جي معصوم ثمرت ڪمار جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي. مظاهرين ايس يو پي اڳواڻ حاڪم خان مستوئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڏگهڙي گلاب بيل جي
بيرحماڻي قتل ۾ اهم
اڳيرائي، مک قاتل گرفتار

ميرپور خاص(رپورٽر) ڏگهڙي ڏگهڙي گلاب بيل جي بي رحماڻي قتل ۾ اهم اڳ برائي قاتل گرفتار ميرواھ ويجهو ڏگهڙي ٿاڻي جي حد ڳوٺ شمير آرائين ۾ قتل ٿيل نوجوان گلاب بيل جا قاتل ٻي پٽ انيل بيل ۽ تارو بيل کي ايس ايچ او ڏگهڙي سليم سراج سمون گرفتار ڪري ورتو ٻنهي جوابدارن کي اڄ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

شهدادڪوٽ: ايس يو پي پاران ثمرت ڪمار جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

رتوديرو ۾ صحت کاتي جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

گرينڊ هيلٿ الائنس پاران سروس اسٽرڪچر، ٽائيم اسڪيل ۽ ٻين مطالبن جي بحالي لاءِ احتجاج ڪيو ويو

اسان سروس اسٽرڪچر، هيلٿ پروفيشنل، ٽائيم اسڪيل ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ سراپا احتجاج آهيون: اڳواڻ

هن وقت اسپتالن ۾ ٽوڪن هڙتال آهي جيڪڏهن مطالبا منظور نہ ٿيا تہ ڪم ڇڏ هڙتال ڪري ويهي رهنداسين

رتوديرو(رپورٽر)رتوديرو ۾ صحت کاتي جي ملازمن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ تعلقه اسپتال اڳيان احتجاج گرينڊ هيلٿ الائنس رتوديرو طرفان سروس اسٽرڪچر، ٽائيم اسڪيل ۽ ٻين مطالبن جي بحالي لاءِ ٽوڪن هڙتال ڪري اسپتال اڳيان نعريبازي ڪئي وئي، انهي موقعي تي گرينڊ هيلٿ الائنس جي تعلقه صدر احمد بخش جوڻيجو، نور الحق ڏومڪي، محمد سليمان مري، عبدالحق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر ۾ ڊسٽرڪٽ بار جي وڪيل برادري پاران ڪورٽ سکر جي احاطي اندر احتجاج، نعريبازي

احتجاج جي اڳواڻي ايڊووڪيٽ قربان ڪلوڙ، انور صادق انصاري، امتياز شيخ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ وڪيلن کي ڪالونيون ناهن ڏنيون ويون ۽ نہ ئي چيمبر ڏنا ويا آهن: مظاهرين

وڪيلن جي ڪالوني سميت جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن نہ تہ پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ڊسٽرڪٽ بار سکر جي وڪيل برادري پاران سيشن ڪورٽ سکر جي احاطي اندر احتجاج مظاهرو ڪيو ويو. وڪيلن پاران وڪلا برادري زنده باد جڏهن تہ سنڌ حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي جڏهن تہ احتجاج جي اڳواڻي ايڊووڪيٽ قربان ڪلوڙ. انور صادق انصاري. امتياز شيخ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي وڪيل برادري جي اڳواڻن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪي اين شاھ پرسان ڪاڏي
پيتي سميت صاف پاڻي جا
ننڍا ننڍا پلانٽ لڳائي ڏنا ويا

قلجي اسٽيشن (رپورٽر) گروٿ پلس ويلفيئر آرگنائيزشن پاران بيجنگ ون هارٽ ۽ چائنا پاڪ يوٿ ڪميونٽي جي سهڪار سان تعلقه خيرپور ناٿن شاھ جي 10 ٻوڏ ٽوڙي برسات متاثر ڳوٺن جي 260 خاندانن کي خيما بستي قائم ڪري ڪاڏي پيتي سميت پاڻي جي صاف پاڻي جا ننڍا ننڍا پلانٽ لڳائي ڏنا ويا. قلجي پرسان ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر: ڊسٽرڪٽ بار جا وڪيل مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪالاباغ ڊيم خلاف 5 لانگ مارچ ڪري هميشہ لاءِ دفن ڪري ڇڏيو: اياز ڪوسو

هن وقت پاڪستان خطرناڪ صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. مهانگائي بدامني لاقانونيت عروج تي آهي

سنڌ ۾ روزانو ئيه ڪان متي ماڻهو قتل ٿين پيا. حڪمرانن جي ڪرپشن سبب پاڪستان تي قرضن جا انبار ٿي ويا آهن

آدم شماري ۾ پڻ سنڌ جي آدم شماري گهٽائي وئي آهي. پاڻي جي قدرتي لنگ پراڻ ۽ هاڪڙي تي قبضا برقرار آهن

جهڏو (ممتاز جوڻيجو) رسول بخش پليجو سڄي دنيا جي مظلوم ماڻهن جي حقن لاءِ سنڌو دريا تعليم جي بچاءُ لاءِ سنڌين کي اقليت ۾ آڻڻ خلاف جمهوريت جي بحالي لاءِ جدوجهد ڪندي گذاري. ڪئين ڀيرا جيل ڪاٽيا. 12 سال جيل ۾ رهي پنهنجا ڪيس پاڻ وڙهي آزادي ماڻي ايوب يحيا خان ضيا الحق مشرف جي مارشلائن خلاف ايم آر ڊي تحريڪ عدليا بحالي تحريڪ ۽ ٻيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

مانجهند پرسان 10 ڳوٺن ۾ هڪ مهيني کان پيئڻ جو پاڻي بند

رهواسي ڪلو ٻلاڻ تي مجبور مال اڃ مرڻ لڳو پبلڪ هيلٿ کاتو غائب

انجنيئر ڪي هدايتون اسان کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي: رهواسي

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)مانجهند پرسان يوسي شاھ اويس قرني جي 10 ڳوٺن ۾ هڪ مهيني کان پيئڻ جو پاڻي بند هئڻ سبب رهواسي ڪلو ٻلاڻ تي مجبور مال اڃ مرڻ لڳو پبلڪ هيلٿ کاتو غائب کاتي تفصيل موجب مانجهند تعلقي جي يوسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز پرسان هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪيمپ قائم

سينيئر ڊاڪٽرن ۽ ٽيڪنيڪل عملي 500 کان وڌيڪ مريض جو مليريا چيڪ اپ ڪيو

اسان جو علائقو پاڻي هيٺ آهي، جنهن سبب سڄو علائقو گندگي جي ورچڙهيل آهي: اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) انڊس اسپتال هيلٿ نيٽ ورڪ پاران ڳوٺ محمد رجب لاشاري ۾ هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪيمپ لڳائي وئي، جنهن ۾ سينيئر ڊاڪٽرن ۽ ٽيڪنيڪل عملي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز: ڳوٺ محمد رجب لاشاري ۾ لڳايل مفت ميڊيڪل ڪئمپ جو ڏيک

خانپور مهر ۾ ڳوٺاڻي پاران بااثر شخص جي زيادتين خلاف احتجاج

بااثرن منهنجي مٿان ناحق ورياج هٽي منهنجي 12 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪيو آهي: ڳوٺاڻو

فوري طور بااثر شخص الله وڌايو مهر خلاف ڪارروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ ڳوٺاڻي جو بااثر شخص جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو.خبرموجب، خانپور مهر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽون ديرو پرسان ڳوٺ گائو خان شر ۾ معزز قيصر خان شر سان گهرواري جي وفات تي تعزيت

پ پ اڳواڻن اعجاز احمد لغاري، تعلقہ رتوديرو جي صدر لالا نظر محمد پناڻ ۽ ٻين پڻ تعزيت ڪئي

مسلم خان شر ۽ ايڊووڪيٽ رحمت الله شر سان سندن والده جي وفات تي تعزيت ڪئي

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽي) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري اعجاز احمد لغاري، تعلقہ رتوديرو جي صدر لالا نظر محمد پناڻ ،حاجي ممتاز علي جهواڻ يونين ڪائونسل سيدوديرو جي ڳوٺ گائو خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

جهڏي ۾ بدين جي پريمي جوڙي جو احتجاج تحفظ جي اپيل

مائٽ پرڻي بعد منهنجي مڙس ۽ سهريجن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ پيا: ناري

نوٽيس وٺي بااثر پيڃيئي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

جهڏو(رپورٽ ممتاز جوڻيجو)جهڏي ۾ بدين جي پريمي جوڙي جو احتجاج تحفظ جي اپيل ميڊيا سينٽر جهڏو تي بدين جي فردوس ڪالوني جي رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

جهڏو: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

سجاول ۾ پ پ اڳواڻ فردوس عزيز ميربحر ۽ ملاح برادري ۾ زميني تڪرار جو نبيرو

فردوس عزيز ميربحر وارن جي زمين تي ڪيل قبضو خالي ڪري ڏنو وڃي : اڳواڻ

فردوس عزيز وارن پاران واھ بند ڪري جيڪو پاڻي بند ڪيو ويو آهي اهو کوليو ويندو

سجاول(رپورٽ ممتاز علي نهڙيں)پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جي هدايتن تي پيپلزپارٽي ليڊيز ونگ جي ضلعي صدر فردوس عزيز ميربحر ۽ يوسف گورياڻي ملاح جو زمين تان هلندڙ معاملو.. اڄ ضلع ڪائونسل سجاول جي آفيس ۾ ٻنهي ڌرين جون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ميرپور ماٿيلو ۾ صحافين مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

صحافين سان هر دور ۾ ظلم ۽ زيادتيون ڪيون پيون وڃن پر ڪير پڇڻ وارو ناهي: مظاهرين

ڪوڙا ڪيس داخل ڪري هيسائڻ چاهيو پيو وڃي، صحافين هميشہ حق ۽ سچ لکڻ کان روڪيو پيو وڃي

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) ميرپورماٿيلو: ٽنڊو الهيار جي صحافين مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ ۽ پاڪستان ميڊيا ڪونسل سنڌ جي نائب صدر ميڊم شائستہ بلوچ جي والد مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

گهوٽڪي: قلم ڌڻي صحافين سان ٿيندڙ ظلمن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين ۾ پاڪ آرمي سان اظهار يڪجهتي طور سوين ماڻهن جي ريلي

پي اي حاجي تاج محمد ملاح جي اپيل تي پيپلز پارٽي ۽ ٻين پاران ريلي ڪڍي وئي

پاڪ فوج جون ملڪ لاءِ لازوال قربانيون آهن جن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ بدين شهري اتحاد ۽ واپاري اتحاد پاران بينظير پارڪ کان بدين پريس ڪلب تائين پاڪ آرمي سان اظهار يڪجهتي طور سوين ماڻهن ريلي ڪڍي . پاڪ آرمي جي حق ۾ نعري بازي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪراچي ۾ صحافي ذيشان صديقي سان والد جي وفات تي تعزيت جاري

باغي ساگر پنهوار. فاروق بنگوار. عمران ميزان ۽ ٻين ذيشان صديقي سان تعزيت ڪئي

اڳواڻن والد جي وفات تي دلي افسوس ڪيو صحافين محروم لاءِ دعا مغفرت گهري

ڪراچي :(رپورٽر) ڪراچي يونين آف جرنلسٽ ورڪز جي جنرل سيڪريٽري ۽ سينئر صحافي ذيشان صديقي سان والد جي وفات تي ڪراچي جي صحافين پاران تعزيت ڪئي باغي ساگر پنهوار. فاروق بنگوار. عمران ميزان ۽ ٻين ذيشان صديقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ميرپور ماٿيلو ۾ 9 مئي تي ٿيندڙ واقعي خلاف ريلي

پنهنجي جانين جو نظرانو ڏيندڙ شهيدن جي بدولت پاڪستان وجود ۾ آيو: اڳواڻ

9 مئي تي ٿيندڙ وڳوڙن ۾ ملوث شرپسندن کي سزا ملڻ گهرجي

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي): قومي امن ڪاميٽي ضلع گهوٽڪي جي طرفان 9 مئي تي ٿيندڙ واقعي خلاف ريلي ڪڍي وئي، گهنٽا گهر کان وٺي پٽاڻي چوڪ تائين شاندار ريلي ڪڍي وئي، 9 مئي تي ٿيندڙ وڳوڙن جي مذمت ڪيون ٿا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

گهوٽڪي: قومي امن ڪاميٽي پاران 9 مئي واقعي خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪشمور جي عوام کي جلد اکين جي بهترين اسپتال جو تحفو ڏينداسين: ڊي سي

ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور منور علي ملياڻي تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور تعلقه اسپتال جو دورو ڪيو

جلد روزاني جي بنياد تي اکين جو مفت چيڪ اپ، آپريشن ۽ سرجريون ٿينديون: منور علي ملياڻي

اين آءِ سي وي ڊي جي قيام ۽ هاڻي اکين جي اسپتال لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون آهن: دوري دوران ڳالهيون

ڪشمور(رپورٽ)ڪشمور ضلعي جي عوام کي جلد اکين جي بهترين اسپتال جو تحفو ڏينداسين، ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور منور علي ملياڻي تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور تعلقه اسپتال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

بدين شهر جي وارڊ نمبر 2 جي
رهاڪو مسمات مسڪان
راجپوت پاران احتجاج

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر جي وارڊ نمبر 2 جي رهاڪو مسمات مسڪان راجپوت صحافين آڏو دانهيندي چيو آهي تہ هن نوجوان فرحان سليم ڪوسي سان ڊسمبر 2022 ۾ ٻن شاهدن آڏو پيار جو ڪورٽ ميريج ڪيو آهي ۽ سنڌس مائٽ منهنجا ۽ منهنجي مڙس جا ويري ٿي ويا آهن جنهن ڪري هو اصل گهر ٽنڊو ڄام مان نڪري/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪشمور: ڊپٽي ڪمشنر منور علي ملياڻي اکين جي اسپتال جو دورو ڪري رهيو آهي

وارهہ ۽ ڀرپاسي ٻوڏ متاثرين جا خيما مريضن سان ڀرجي ويا

پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ اجها نہ هجڻ ڪري انساني جانيون خطري هيٺ اچي ويا

صحت کاتو خاموش، سخت متاثر وارهہ تعلقي کي اين جي اوز بہ نذر انداز ڪري ڇڏيو

وارهہ(رپورٽ)وارهہ ۽ ڀرپاسي ٻوڏ متاثرين جا خيما مريضن سان ڀرجي ويا، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ اجها نہ هجڻ ڪري انساني جانيون خطري هيٺ. 50 ڊگري گرمي پد ۾ خيمي اندر رهندڙ ٻوڏ متاثرين ڳوٺ جوڻائي شريف.مراد پٽي، ڳڙهي ماڪرو .سليمان پيرزادو، ڳڻ واهڻ ، سميت سوين ڳوٺن جي ڳوٺاڻن جا ننڍا ٻار ۽ وڏي عمر وارا ماڻهو الٽي دستن ۾ وٺجي ويا. خيمن اندر مليريا خطرناڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

گمبٽ: سنڌ زڪوات ڪائونسل جي ميمبرس پاران گمس اسپتال جي مختلف شعبن جو دورو

ڦڦڙن جي پيوندڪاري، جگر جي پيوندڪاري، بون ميرو، ڪڊني ٽرانسپلانٽ، ڪينسر ۽ ڪارڊيالاجي سميت ٻيا بهترين شعبا قائم ڪيا ويا آهن: ميمبر

ڊير ترڙي پرڊيہ مان مريض پنهنجو مفت علاج ڪرائڻ لاءِ اچن ٿا اداري جي مالي مدد جي حوالي سان حڪومت سنڌ زڪوات ڊپارٽمينٽ کي وزٽ بعد رپورٽ پيش ڪئي ويندي

سنڌ حڪومت جي تعاون سان صحت جي حوالي سان وڏا اهم شعبا قائم ڪيا ويا آهن ۽ مريضن کي مفت سهولتون ڏئي علاج ڪري رهيا آهيون: ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي

گمبٽ (رپورٽ عبدالحي شيخ): صحت جي شعبي ۾ عالمي سطح تي مڃتا ماڻيندڙ پاڪستان جي صوبي سنڌ جي شهر گمبٽ ۾ گمس (گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز) ۾ حڪومت سنڌ جي خصوصي هدايتن تي سنڌ زڪوات ڪائونسل جي ميمبرس گمبٽ پهچي گمس اسپتال جي مختلف شعبن جو دورو ڪيو ۽ داخل مريضن سان عيادت ڪئي. ان موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

وڳڻ پوليس جون
ڪاروائيون، 2 جوابدار
گرفتار ڪري ورتا

وڳڻ(پورٽر) وڳڻ پوليس جون ڪاروائيون ۽ منشيات فروش سوگها وٺانس نشي آور سوپاريون هٿ ڪرڻ جي دعوي' ڪيس داخل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ ايس ايچ او وڳڻ انسپيڪٽر علي انور بروهي ٻڌايو تہ سماجي براين خلاف ڪاروايون جاري آهن ڳجهي اطلاع تي پوليس نفري ۾ اي ايس آءِ علي حيدر ڪلهوڙو. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

گمبٽ: سنڌ زڪوات جا ميمبر گمس اسپتال جو دورو ڪري رهيا آهن

"راجا گبول ۽ ثمرت ڪمار کي آزاد ڪيو" ميرپور ماٿيلو ۾ احتجاجي ريلي

سوين مردن ۽ عورتن پاران احتجاجي مظاهرو ڌرڻو هنيو ويو ۽ راجا گبول ۽ ثمرت ڪمار جي آزادي لاءِ ڇتي نعريبازي

ڪراچي مان شاگرد راجا گبول کي بناجواز گم ڪيو ويو آهي، جيڪا سنڌن سان وڏي زيادتي آهي: مظاهرين جون دانهون

ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل ثمرت ڪمار کي بازياب ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ پوري سنڌ اندر سخت احتجاج ڪيو ويندو

گهوٽڪي(رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: ڪراچي مان گم ٿيل راجا گبول ۽ ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل ثمرت ڪمار جي آزادي لاءِ ميرپور ماٿيلو ۾ احتجاجي مظاهرو ڌرڻو، راجا گبول ۽ ثمرت ڪمار جي آزادي لاءِ ڇتي نعريبازي. ڪراچي مان گم ٿيل راجا گبول کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي ۽ ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل ثمرت ڪمار کي بازياب ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ پوري سنڌ اندر سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌي ٻولي جي اوائلي شاعر شاھ عبدالڪريم بلڙي واري جي ياد ۾ ويهڪ

مختيار نظاماڻي، گل محمد سومرو، فياض احمد لغاري، پير ماجد جان سرهندي، حاڪم علي رند ۽ ٻين جي شرڪت

مظهر حسين ٻهراڻي، اياز علي لغاري، نديم زنگيجو، ساجد علي سولنگي ۽ ٻين بهترين اصلاحي ۽ تنقيدي رايا ڏنا

ناميارا اديب ضراب حيدر جي امڙ،شاعر سومار سنگر جي پاءُ، صنم سنڌو پنهيروجي وفات تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر)سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي دستوري ادبي ويهڪ سنڌي ٻولي جي اوائلي شاعر شاھ عبدالڪريم بلڙي واري جي ياد ۾ محترم اياز سولنگي جي صدارت هيٺ ٿي گذري. ويهڪ جي ڪارروائي شاخ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٽنڊو محمد خان ۾ پرائمري
اسڪول پاٽار ۾ رٽائرڊ ٿيندڙ
استادن جي مان ۾ تقريب

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر) گورنمينٽ پرائمري اسڪول پاٽار ۾ ريٽائرڊ ٿيندڙ استادن جي مان ۾ هڪ تقريب ڪوٺائي وئي ان موقعي تي خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر حاجي عبدالوهاب نظاماڻي ، ب ٽ الف اڳواڻ حاجي شفيع محمد سليو ، عارف قريشي ، عبدالڪريم قريشي ، شاهنواز مهر ۽ ٻين چيو تہ معاشري جي تشڪيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊومحمدخان: سنڌي ادبي سنگت شاخ جي دستوري گڏجاڻي جو ڏيک

ڪڪڙ ۾ مقتول ذڪريا لغاري جي قاتلن جي گرفتاري ۽ پوليس جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺاڻن مقتول ذڪريا لغاري جي وارثن محمد علي لغاري ۽ علي رضا لغاري پريس ڪلب پهچي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو

مقتول ذڪريا لغاري کي چوري جي ارادي سان آيل جوابدارن رشيد لغاري ۽ غلام رسول لغاري فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو هو: مظاهرين

پوليس جي ناجائزين جو نوٽيس وٺي مٿن محڪمانہ ڪاروائي ڪري مقتول جا قاتل گرفتار ڪري ساڻس انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

ڪڪڙ(رپورٽر) ڪڪڙ ۾ ڪاڇي جي ڳوٺ تاج محمد دولتاڻي واسي ڳوٺاڻن مقتول ذڪريا لغاري جي وارثن محمد علي لغاري ۽ علي رضا لغاري پريس ڪلب پهچي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪندي چيو تہ ٻه سال اڳ پٽ گل محمد ٿاڻي جي حد ۾ پاڻي واري بورنگ تي سنڌل معصوم مقتول ذڪريا لغاري کي چوري جي ارادي سان آيل جوابدارن رشيد لغاري ۽ غلام رسول لغاري فائرنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خانپور مهر پرسان ڳوٺ گلزار مهر ۾ 3 ٻارڙا پاڻي جي ڪڏ ۾ ٻڏي فوت

ڳوٺ ٻاهران ڪرينن جي کوٽيل ڪڏ ۾ پير ترڪڻ سبب ٻڏي ويا. اطلاع تي ڳوٺاڻن پهچي ٻارڙن جا لاش ڪڍيا ويا

واقعي جو ٻڌي صوبائي صلاحڪار مير بنگل خان مهر متاثرن وٽ پهچي فوت ٿي ويل ٻارڙن جي وارثن کي آٿت ڏني

انتهائي افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي ڪنهن جو درد بيان نٿو ڪري سگهجي. متاثر خاندان سان گڏ آهيان: بنگل خان مهر

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ گلزار مهر ۾ 3 ٻارڙا پاڻي جي ڪڏ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويا. واقعي جو ٻڌي صوبائي صلاحڪار مير بنگل خان مهر متاثرن وٽ پهچي فوت ٿي ويل ٻارڙن جي وارثن کي آٿت ڏني. خبر موجب خانپورمهر ويجهو ڳوٺ گلزار مهر ۾ 3 ٻارڙا ڳوٺ ٻاهران پاڻي جي ڪڏ ۾ ڪري ٻڏي فوت ٿي ويا. ٻارڙا ڳوٺ ٻاهران ڪرينن جي کوٽيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو ۾ سنڌي ادبي
سنگت شاخ جي دستوري
گڏجاڻي منعقد

دادو(رپورٽر)سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو جي دستوري گڏجاڻي سنڌ جي ناليواري شاعر عاشق دادوي جي صدارت ۾ ٿي گذري. گڏجاڻي ۾ سنڌ جي ناميارا ليکڪ گل حسن ڪلمتي، اداڪار ۽ هدايتڪار سيد منور علي شاھ. اداڪاره شبيران چنہ ۽ ليکڪا صنم سنڌو پنيرو جي اوچتي وڇوڙي تي قل پڙهي سندن مغفرت لاءِ دعا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

خانپورمهر: ڳوٺ گلزار مهر ۾ ڪڏ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويل 3 ٻارڙن جا مڙهہ پيل آهن

محقق، تاريخدان ۽ ليکڪ گل حسن ڪلمتي کي صدي جو بهترين محقق قرار

حسن ڪلمتي جي نالي سان اڪيڊمي جوڙڻ جو اعلان سندس ڪيل قلمي پوري ۽ تحقيق تي پيتا پيش

حسن ڪلمتي تاريخي شخصيت سان گڏوگڏ ڌرتي جو ڪيس وڙهي امر ٿي ويو: محقق رحمان پالاري / خدا ڏنو شاھ

حسن ڪلمتي جهڙيون شخصيتون صدين ۾ پيدا ٿينديون آهن جن پنهنجي ڌرتي، قوم ۽ پنهنجي قومي ڪاز کي اُتم رکيو

ملير (رپورٽر) ملير ضلعي جي علائقي ڪاٺوڙ سراج ڳوٺ لائبريري ۾ سنڌ جي ڏاهي، محقق گل حسن ڪلمتي جي ياد ۾ ميڙاڪو ڪرايو ويو جنهن ۾ ڪراچي شهر سميت ملير ضلعي جي مختلف علائقن مان سياسي سماجي اڳواڻن، ڪارڪنن اديبن صحافين ۽ علائقي معززن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڻ بتيون ٻاري اٺي بيهي ٻن منٽن جي خاموشي اختيار ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 28 مئي 2023ع

سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڄ ڪير ختم ڪرائيندو؟

سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڄ قائم ٿي چڪو آهي. چورين، ڦرن، قتل ۽ اغوا جي وڏي ويل وارداتن بعد هاڻي قانون جي چائنٺ تي انصاف جي اميد سان ايندڙ عام شهري به محفوظ ناهن. ٿوري ئي عرصي ۾ ڪشمور ڪنڌ ڪوٽ سميت پوليس جا 10 جوان شهيد ٿي چڪا آهن. 20 کن زخمي ڪيا ويا آهن. اهڙي ريت اغوا ٿيلن ۾ ٽن سالن جي ٻارڙي سان گڏ عورتون به شامل آهي. هڪ ٻار جي پنيان هٿ ٻڌل وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد سموري سنڌ ۾ ڪاوڙ جي لهر پيدا ٿي وئي هئي، جنهن بعد سنڌ جي مختلف علائقن ۾ اغوا ٿيل ٻارڙي سمرت ڪمار کي آزاد ڪرائڻ جي لاءِ مظاهرن جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. اسان سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس صاحب جي ٻارڙي جي اغوا واري اقعي جي نوٽيس وٺڻ جي آجيان ڪندي، هتي اها به گذارش ڪرڻ چاهيون ٿا ته سنڌ ۾ بدامني تي ڪڪ پڇي بيٺو نه ڪندڙ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان انهن جي علائقن ۽ ٿاڻن جي حدن اندر امن امان بابت موجود صورتحال جو به پڇاڻو ڪيو وڃي. ڪالهه جمعي جي پلاري ڏينهن عدالتن ۾ آيل پنجن ماڻهن کي پنهنجي حياتين تان هٿ ڌوئڻا پئجي ويا آهن. اهو سڀ ڪجهه ان سنڌ جي اندر ٿي رهيو آهي، جتي هڪ چونڊيل حڪومت آهي، جنهن وٽ پنهنجي هڪ مشينري آهي، جنهن وٽ هر ضلعي جي اندر قانون لاڳو ڪرائڻ جي لاءِ پوليس فورس پڻ آهي. هتي اهو به ياد رکڻ گهرجي ته عام طور هڪ مهذب ۽ ڪمزور انسان قانون جي مدد حاصل ڪرڻ جي لاءِ ايندو آهي. نه ته هتي ئي اهڙا بااثر وڏيرا، سردار ۽ قبائلي اڳواڻ پڻ آهن، جيڪي قانون جا بخيا ادڙيندا رهن ٿا. جڏهن هڪ عام ماڻهو کي قانون ڪنهن به ريت تحفظ ڏيڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندو ۽ انصاف جي انتظار ۾ ماڻهن جي عمر ڳري ويندي ته پوءِ ڪهڙي ريت عام ماڻهو ۾ قانون ۽ انصاف جو احترام پيدا ڪري سگهجي ٿو. سنڌ حڪومت عوام جي انهن حقيقي مسئلن کان مڪمل طور لاتعلق بڻجي وئي آهي. جيڪا ڪنهن به ريت سماج جي لاءِ مثبت ڳالهه نه آهي. ان سان لاقانونيت جي لاڙي وڌڻ جو خطرو موجود آهي. ميهڙ ۾ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ٻاهران هٿيارٻندن پوليس تحويل ۾ ٽن قيدين مٿان فائرنگ ڪري انهن کي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو آهي. جنهن ۾ به سڳا ڀائر آهن. جمعي واري ڏينهن ٺي ڏوڪري جي عدالت ۾ صبح جي وقت طلاق بابت ڪيس ۾ آيل تهمينا سانگهرو کي هٿيارٻندن قتل ڪري هن کان جيئڻ جو حق ڪسي ورتو. ان جا سبب ڪهڙا به ٿي سگهن ٿا پر جيڪڏهن ڪنهن تي اجا الزام ٿي لڳايو ويو آهي، ته اهڙو ملزم قانون جو دادلو ٻار هوندو آهي، جنهن جي جان جي حفاظت قانون جو فرض هوندو آهي. جنهن ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارو ناڪام ٿي ويو. سنڌ ۾ چورين ۽ ڦرن جون وارداتون وڌي ويون آهن. جنهن ڪري ڪي به روڊ رستا محفوظ نه رهيا آهي، شام جو سج لهڻ بعد ماڻهو مجبوري بنا گهر کان ٻاهر نٿو نڪري. پر اهو پڻ محفوظ ناهي. جنهن مان سنڌ ۾ لاقانونيت جي راڄ قائم هئڻ جو اشارو ملي رهيو آهي. ڌاڙيلن جون وارداتون پڻ وڌي ويون آهي. ڪنهن دور ۾ ڌاڙيلن ۾ به ڪا ساڃاهه هوندي هئي پر هاڻي اهڙي ساڃاهه انهن مان به موڪلائي وئي آهي. جنهن ڪري ڪنهن نياڻي سياڻي ٿوڙي پوڙهي ٻڪي کان ويندي ڪنهن ٻار کي اغوا ڪرڻ کان به نٿا مڙن. مٿان وري اڄ ڪلهه جي جديد ٽيڪنالوجي سان انسان جي روپ ۾ وحشي بڻيل ڌاڙيل نه رڳو مغوين مٿان وحشياڻو تشدد ڪن ٿا بلڪ اهڙيون وڊيوز به سوشل ميڊيا تي جاري ڪري قانون جي منهن تي چماٽ وهائي ٿا ڪڍن ته وري سنڌ جي غريب غربي ۽ عوام ۾ هڪ ڌڪاءُ پکيڙي رهيا آهن. سنڌ ۾ ڳچ عرصي کان اغواڪاري هڪ انڊسٽري بڻجي وئي آهي، جنهن ۾ اهي هٿ ملوث آهن جن ۾ قانون به شايد هٿ وجهڻ نٿو چاهي. بااثر ڌرين جي حمايت ۽ انهن جي مدد سان اهو هڪ اهڙو ناسور ٿي ويو آهي، جنهن مان جان ڇڏائڻ ڏکيو نظر اچي رهيو آهي. سنڌ ۾ هن وقت اغوا ٿيلن جو انگ 45 ٿي ويو آهي، جنهن جو مطلب ته 45 خاندانن جي حياتي هن وقت عذاب بڻيل آهي. ان هوندي به حڪومت ڪنهن به سطح تي اهڙن اندوهناڪ معاملن جو نوٽيس وٺڻ جي لاءِ تيار نه آهي. ڪشمور ضلعي مان قانون جي رٽ مڪمل ختم ٿي وئي آهي. پوليس ڌوهارين آڏو بيوس بڻجي رئي اهي. وڌيڪ 5 ماڻهو اغوا ٿيڻ بعد مغوين جو انگ 45 ٿي ويو آهي. انهن پنجن اغوا ٿيلن ۾ ڪشمور ۾ ڪيرو ڪرو ڪندڙ پورهيت محمد امين چاچڙ، ڪرمپور گرڊ اسٽيشن تان به سيپڪو ملازم آصف پنجابي ۽ جميل هرڙو شامل آهن. ڪنڌڪوٽ مان خانگي ڪمپني جي ڊرائيور جمشيد ملڪ سميت 3 ملازم اغوا ٿي ويا. مجموعي طور اغوا ٿيلن ۾ ڪنڌڪوٽ واسي ٽن سالن جو ٻارڙو سمرت ڪمار، گورهاري عورت نازيا ڪوسو، سنڌس ڏي، ڪوثر، واجد گولو مرزا گولو غوث پور واسي عبدالغفار جعفري، شاهه گولو نور دين ڀلڪاڻي، عبدالوحيد ماچي، عبدالرحيم اوڳاهي، ڪامران ميراڻي، نياز لاشاري، ڪشمور مان تينگري ناديا ڪلهوڙو، عبدالغفار چاچڙ، ناديا ڪوسو، غلام عباس لاشاري، الهڏنو ٽانوري، سڄڻ ميراڻي، ماجد قريشي، فيض محمد، خدا بخش، سعيد، اڪبر ۽ ٻيا شامل آهن. اغوا ۽ روزاني ڦرلٽ جي واقعن سبب ڪشمور-ڪنڌڪوٽ ضلعو مڪمل طور ڌوهارين وٽ يرغمال آهي. سنڌ ۾ پوليس فورس پڻ هٿيارٻندن جي نشاني تي آهي، جنهن ۾ 10 کان وڌيڪ اهلڪارن کي شهيد ڪيو ويو آهي. خميس واري ڏينهن عادلپور جو ايس ايڇ او ميرمحمد ڪوسو شهيد ٿي ويو آهي. ڪشمور ضلعي ۾ ڪجهه عرصو اڳ ڌوهارين دراني مهر ٿاڻي جي پوليس پڪٽس تي حملو ڪيو. بخشاپور ۽ گيهلپور ٿاڻي جي حدن ۾ پوليس موبائلن مٿان فائرنگ ڪري ٻن ايس ايڇ اوز عبداللطيف ميراڻي، نبي بخش جڪراڻي، وڏي منشي مقصود بنگلاڻي سميت 10 کان وڌيڪ اهلڪارن کي شهيد ۽ 20 کان وڌيڪ اهلڪارن کي زخمي ڪيو ويو آهي. سوال هي آهي ته لاقانونيت ڪير ختم ڪرائيندو؟ ان لاءِ سنڌ حڪومت کي فوري طور قانون جي رٽ قائم ڪرڻ جي لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن، ٻي صورت ۾ سنڌ ڌاڙيلن جي حوالي ٿي ويندي.

اسد عمر جو "سٺن ڏينهن" جو انتظار!

نصرت جاويد

"اسان ڏکن جي ماريلن" کي قبولڻ گهرجي ته "پنهنجا" پنهنجائي ٿيندا آهن. الله نه ڪري هن جي هٿان لاهور جي خديجه شاهه سان منسوب ڪا حرڪت ٿي پئي ته اڪثر انهن خطائن کي درگذر ڪيو ويندو آهي. تازو مثال اسان جي "اصل ڏٺين" جي طرفان تحريڪ انصاف جي جنرل سيڪريٽري اسد عمر سان ڪيل "شفقت پريو" ورتاءُ آهي. 9 مئي کان پوءِ عمران خان جي ٺاهيل جماعت خلاف ڏکين ڏينهن جي شروعات ٿي چڪي آهي. پنهنجي جوهر ۾ اها جماعت "انقلابي" ڪڏهن نه رهي آهي. عمران جي عاشقن جو هجوم آهي. ان جي باني کي وڏي جاکوڙ ۽ محنت سان "اقتدار ۾ وارا ونڊڻ" "چورن ۽ ڦورو" جي مقابلي ۾ "ماڻهون ايماندار آهي" بڻائي اسان جو "ديدور" بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. هو هڪ وقت ۾ دنيا جو مشهور فاسٽ بالر ۽ ورلڊ ڪپ کٽيندڙ ڪرڪيٽ ٽيم جو "ڪپتان" پڻ رهيو هو. ڪرڪيٽ ميچن کي ٽي وي اسڪرينن تي "لائيو" ڏيکارڻ جو سلسلو جنرل ضياءَ جي مارشل لا دوران نفسياتي جنگ جي حتمي ماهر شمار ٿيندڙ ميجر جنرل مجيب الرحمان مرحوم نهائت مهارت سان پنهنجي نگراني ۾ شروع ڪرايو هو. رومي سلطنت وارا پنهنجي رعيت جي دل خوش ڪرڻ جي لاءِ غلامن کي شينهن سان وڙهڻ جي لاءِ اکاڙي ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيندا هئا. ٽي وي موجوده دور جو هڪ اهڙو ئي تماشو آهي. جنرل مجيب ان جي بدولت ماڻهن کي سياسي معاملا وساري ڪرڪيٽ جو مزو ماڻڻ جي عادت ۾ مبتلا ڪيو هو اتفاق اهو به ٿيو ته پنهنجي مربي جنرل ضياءَ وانگر هن جو به تعلق جالنڌر جي مردم خيز مٽيءَ سان هو. عمران احمد خان نيازي هئڻ جي باوجود به پنهنجي ماءُ جي ڪري هن شهر جو "فرزند" سمجهيو ويندو هو.

جنرل مجيب رٽائر ٿي ويو. ته نفسياتي جنگ جي ڪارآمد حربي ان اسپتال جي قيام جي لاءِ چندي جمع ڪرڻ جي مهم تيار ڪرڻ تي لڳائي. جيڪا عمران خان ڪرڪيٽ تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڪينسر جهڙي موذي مرض جي علاج لاءِ لاهور ۾ تيار ڪري رهيو هو. "چندا مهم" پاڪستان جي لڳ ڀڳ هر اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻارن کي عمران خان جو مداح بڻائي ڇڏيو.

1990ع واري ڏهاڪي ۾ شاگرد رهندڙ اهو نسل جوان ٿيو ته "سياستدانن" جو روپ ورتو. تڏهن عمران خان به "چورن ۽ ڦورو" خلاف سياست ۾ ٽپو ڏنو. "تبديلي" جو نعرو لڳائيندڙ نوجوان نسل "جڏهن عمران ايندو" جا خواب ڏسڻ لڳو. سياست ۾ اچي عمران خان کو وڏو جلوو ڏيکاري نه سگهيو. نواز شريف 1997ع ۾ عام چونڊون "گري مينڊيٽ" سان کٽي ورتيون. خان صاحب جي حصي ۾ هڪ سيٽ به نه آئي. "گري مينڊيٽ" جي نشي ۾ سرشار نوازشريف ان سان "تاريخ" ٺاهڻ جي جستجو ۾ مبتلا ٿي ويو. ان ڏس ۾ پاڪستان جي ازلي دشمن سان اهڙو بندوبست ڳولڻ شروع ڪيو. جيڪو سرمائيداري نظام جي حتمي نمائندي آمريڪن صدر نڪسن ڪميونسٽ نظام جي ڪٽر نمائندي مائوزي تنگ جي چين سان 1970ع جي ڏهاڪي ۾ جوڙيو هو. پاڪستان جي "مائوزي تنگ" يعني نواز شريف "ازلي دشمن" يعني هندستان جي وزيراعظم واجپائي کي بس ۾ ويهي ڪري لاهور اچڻ لاءِ همٿايو هو. جڏهن هتي آيو ته پاڪستان مينار تي به ويو. جيڪو "ٻه قومي نظريي" جي علامت آهي. جنهن کي هندو انتها پسند "ڀارت ماتا" جي ورهاڱي جو ذميوار سمجهن ٿا. نوازشريف ان هوندي به نڪسن يا مائوزيتنگ نه بڻجي سگهيو. "ڪارگل" ٿي ويو ۽ آخرڪار جنرل مشرف قوم کي سڌي رستي تي آڻڻ لاءِ "حقيقي جمهوريت" متعارف ڪرائڻ جي جدوجهد ۾ مصروف ٿي ويو.

پنهنجي ٽارگيٽ تي پورو ڌيان انڪري نه ڏئي سگهيو ڇو ته آمريڪا ۾ 9/11 جو واقعو ٿي ويو هو. ان ڪانپوءِ آمريڪا کي هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان جي "جاگرافيائي اهميت" ياد آئي. افغان "جهاد" جي ٻي سيزن شروع ٿي وئي آهي. هن ڀيري "وار آن ٽيرر" جو عنوان هو. پرويز مشرف جي اچڻ تي عمران خان ڏاڍو خوش ٿيو. موصوف جي پروسي وارن جو وڏو تعداد اڄا به خان صاحب جو مداح هو. 1999ع جي هڪ انتهائي سرد رات، لاهور جي ايچيسن ڪاليج ۾ سائنس گڏ پڙهندڙ هڪ گڏيل دوست جي گهر تي عمران خان هڪ ڪنڊ ۾ ويٺي، مون کي تفصيل سان ٻڌايو ته "جنرل مشرف" جي حمايت سان هو پنهنجي "عوامي مقبوليت" کي ڪتب آڻيندو ته پاڪستان بدلجي ويندو مان تن ڏينهن ۾ scoliosis جي بيماري جو شڪار نه ٿيو هوس. ابن انشا جي چواڻي "هر چپ رهي ..." واري روش سان خان صاحب جي گفتگو ٻڌندو رهيس.

جنرل مشرف کي عمران خان جي "مقبوليت" جي نه پر چوڌري شجاعت جي سياسي "سمجهه" جي ضرورت هئي. هو مسلم ليگ (ق) جي سرپرستيءَ ۾ مصروف ٿي ويو. خان صاحب مايوس ٿي ڪري ڊرون حملن خلاف احتجاجي جلوس ڪڍڻ شروع ٿي ويو. اهڙي طرح هن ان پشتون عوام جي حمايت حاصل ڪرڻ شروع ڪئي جيڪي دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ قاتل هئا. پر عمران خان جي "احتجاج تحريڪ" جي مهربانيءَ سان جنرل مشرف اقتدار تان نه هٽايو ويو هو. هن کي گهر روانو ڪرڻ جا ڪئين سبب هئا. جڏهن اقتدار ڇڏي ويو ته 2008ع جي اليڪشن ۾ خان صاحب "عدليه" جي محبت ۾ حصو نه ورتو. محترمه بينظير جي شهادت پيپلز پارٽي کي طاقتور بڻائي ڇڏيو. پنجاب ان کي اڃا نصيب نه ٿيو. اهو شريف خاندان جي هٿن ۾ واپس هليو ويو.

اقتدار جي خواهشمندن کي آڳرين تي نچائيندڙن کي 2008ع ۾ "چورن ۽ ڦورن" جي اقتدار ۾ واپسي پسند نه آئي. انهن کي لغام وجهڻ جي لاءِ عمران خان سان رابطو ڪرڻو پيو. ان سلسلي ۾ مڪمل تياري کان پوءِ 2011ع ۾ لاهور جي مينار پاڪستان ميدان ۾ جلسو ٿيو ۽ واهه واهه ٿي وئي. تحريڪ انصاف جو "ايمپائر" جي شفقت سان نئون جنم ٿيو ته ان سان، اسد عمر جهڙن "ڪارپوريٽ وزرڊ" يعني جيڪي پنهنجي ذهانت جي زور تي گوگل ۽ ايپل جهڙين ڪامياب ڪمپنين جا خالق تصور ڪيا ويندڙ فرد به انهن ۾ شامل ٿيڻ لڳا. مان تن ڏينهن ۾ به فرياد ڪندو رهيس ته اسد عمر "اسٽيو جابز" نه آهي. جنهن آءِ فون کي بنيادي ضرورت بڻائي ڇڏيو هو محترم جو "شجرو" ۽ ان سلسلي ۾ ڪاروباري حلقن سان سنڌس لاڳاپي ڪيس "باصلاحيت" بڻائي رکيو هو. خدا جو شڪر ته مان صحيح ثابت ٿيس. آگسٽ 2018ع ۾ عمران خان وزيراعظم ٿيو يا ڪيو ويو ته محترم کي ناڻي واري وزارت جي مهارت ۾ ڏني وئي. سنڌس قائد عمران خان ڪئي ڀيرا جلسن ۾ پڙڪوين ڏنيون هيون ته پاڪستان جي لاءِ اقتصادي سهارن جي تلاش جي لاءِ آءِ ايم ايف ڏانهن وڃڻ جي مقابلي ۾ خودڪشي ڪرڻ کي اوليت ڏيندو. آءِ ايم ايف جي قرض ڪانسواءِ ملڪ جي معيشت کي سنڀالڻ مشڪل هو. پنهنجي قائد جي خوشنودي جي لاءِ اسد عمر "اڙي" ڏيکاري ته پوءِ خان صاحب ڪيس واٽس اپ ميسيج لکي برطرف ڪري ڇڏيو. ان جي جاءِ تي آءِ ايم ايف جي پراڻي، من پسند ڊاڪٽر حفيظ شيخ کي ناڻي واري وزارت جو مالڪ بڻايو ويو. اسد عمر جي انا کي ڌڪ نه لڳو هو سر جهڪائي "سٺن ڏينهن" جو انتظار ڪرڻ لڳو.

سرجهڪائي "سٺن ڏينهن" جي انتظار ڪرڻ جي عادت ئي ڪيس اربع جي رات جيل مان نڪرڻ ۾ مدد ڏني. تحريڪ انصاف نه ڇڏي. پر پنهنجي سيڪريٽري جنرل جي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي، عمران خان جي تخليق ڪيل تحريڪ انصاف جي ڪور ڪميٽي کان ڌار ٿي ويو. پريس ڪانفرنس ڪانپوءِ هو پتو ناهي ڪيڏانهن هليو ويو؟ پر هن جي پريس ڪانفرنس صاف صاف ٻڌائي رهي هئي ته هو جتي به ويو هوندو خوش هوندو هن کي فواد چوڌري يا ڊاڪٽر شيرين مزاري وانگر "گمنام" رهڻ تي مجبور نه ڪيو ويندو.

اَچا تو منجهان، ڳَڪَ ڇُتي رتُ نڪري!
منهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جَهلِيندي گهاءَ؟
سو تون ڪُڇاڙيا، سِڱَن جون سَڏُون ڪرين؟

سونامي جماعت ۽ ڪپتان جو سياسي آپگهات

علي محمد ميمڻ

ملڪ جي سياست ۾ وڏا واچوڙا ۽ طوفان اٿي رهيا آهن ۽ سموري سياسي وايو منڊل ۾ وڏي اٿل پٿل جو سبب بڻجي رهيا آهن. رياست جي بدليل رخ، تبديلي جو هڪ نئون ماحول نهن سان گڏ رويئن ۽ فيصلن تبديلين ڪري گهڻو ڪجهه بدلجي ويو رهيو آهي. ملڪ جي ڪالهوڪي دور جي حڪمران جماعت پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ اکين جو تارو بڻيل انهيءَ جماعت جو ڪپتان هاڻي غدار ۽ ملڪ دشمنن ۾ ڳڻجي رهيو آهي. پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ هن جماعت جي چيئرمين جي عتاب ۽ ظالماڻي انتقام جو شڪار سياسي ڌريون ۽ انهن جي اڳواڻن کي جيلن ۾ قيد و بند ڪرڻ ۽ سنڌن جيلن جي ڪولين مان پنڪا لاهڻ ۽ سخت گرمي ۾ ٻڌي رکڻ ۽ بنا ڪيس هلائڻ ۽ ضمانتن جي مهينن جا مهينا ۽ سالن جا سال عذابن جو شڪار ڪرڻ واري هٽلري ۽ شيطاني هلت جو شڪار ٿيندڙ ڌريون هن وقت پنهنجي صبر ۽ برداشت جي پوک ۽ فصل لڻي رهيا آهن ۽ ملڪ جا حڪمران آهن. جڏهن ته ٻئي پاسي سموري تحريڪ انصاف پنهنجي ڪپتان سميت پاڻ کي لڪائڻ ۽ پنهنجا سر بچائڻ ۾ پريشان آهن. هن جماعت جا اڳواڻ معافيون لکي روزانو جيلن مان آزاد ٿي رهيا آهن ۽ پريس ڪانفرنسون ڪري اهو چئي ڌار ٿي رهيا آهن ته اڊيالا جيل جي هڪ ڏينهن جي گرمي برداشت ڪرڻ به سنڌن وس کان ٻاهر آهي جنهن ڪري هو اهڙي ڪم کان ٿي ڌار ٿي رهيا آهن ۽ پنهنجي ليڊر عمران خان کان لاتعلقي وارا اعلان ۽ ڪيترا پهلوان ته سياست ٿي ڇڏڻ جا فيصلا ڪري رهيا آهن. واهه سائين واهه! ملڪ تي 5 سال اڳ پاڪستان تحريڪ انصاف واري آنڌل حڪومت ۽ اڳوڻي وزير اعظم عمران خان جي سربراهي ۾ راڻديگرن، ٽائيگرن، چيتن واري ٿاڦيل حڪومت ۽ انهن جي جاهه و جلال ۽ ڪهري حڪمراني جي باوجود، حڪومت جي خاتمي بعد اها جماعت اقتدار بنا ايتري ڪمزور ۽ واري جي پٽ وانگر اٿين ڌڙام سان ڪري پوندي ۽ پاڻ سميت ايترو جلد ويهي ويندي ۽ تماشو بڻجي ويندي، انهيءَ جي اميد نه هئي. يقينن ملڪ جي سياسي منظرنامي ۾ اهي عجب نظارا ۽ تجربا آهن. هن سموري سياست ڪاري، ڪاروهنوار ۽ پيچ ڊاهه ۾ سڀ کان وڌيڪ تڪليف ۽ پريشاني وارو معاملو ته اهو آهي جو لکين نوجوان جيڪي ڀهريون ڀيرو ملڪ جي بهتري لاءِ سياست ۾ آيا ۽ انهن عمران خان جي ڪرڪيٽر واري شهرت، سپراسٽار واري حيثيت کان متاثر ٿي ان کي سياسي اڳواڻ طور قبول ڪيو ۽ سنڌس جماعت ۾ شموليت ڪئي ۽ پنهنجي معصوم جذبن ۽ ولولي کي ڪتب آندو ۽ ملڪ جي بهتري جي اميد رکي پر اڳتي هلي ڪين ان وقت مايوسي ۽ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو جڏهن خبر پئي ته ملڪ جي بهتري جي سياست جي نعري هيٺ ملڪ ۾ بدتهذيبي، گارگند ۽ انتقام واري سياست يا ڌوهن کي رواج ڏنو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ بغاوت واري راند شروع ٿي وئي جنهن اڳتي وڌي 9 مئي وارو شرمناڪ سانحو ڪري وڌو جنهن سان هڪ سياسي جماعت ۽ ان جو سربراهه دهشت گردي ۽ ملڪ دشمني وارن ڪمن کي وڌائڻ ۽ منظم ڪرڻ ۾ ملوث ڏٺو ويو هن وقت جوابدار جماعت جو سربراهه ڪپتان خان پاڻ ته پنهنجي خاندان سميت اڃا تائين محفوظ آهي پر هزارين ڪارڪن جيلن ۾ وڃي چڪا آهن ۽ پنهنجون زندگيون تباهه ٿيڻ واري پاسي ڏڪجي ويا آهن. ملڪ ۾ پيدا ٿيل هن سياسي اٿل پٿل تي روزانو چوويهه ڪلاڪ ٽي وي ٽاڪ شوز، يوٽيوب چينلز ۽ پريس ۾ صحافي، دانشور ۽ تجزيي نگار انهن واقعن تي جيڪي ڳالهيون ڪري رهيا آهن ۽ روزانو ٿيندڙ نوان فيصلا ۽ راز عام ڪري رهيا آهن اهي يقينن حيرت انگيز ۽ اچرج ۾ وجهڻ واريون خبرون منظر عام تي اچي رهيون آهن. اڳوڻو وزير اعظم عمران خان جيڪو مخالف سياسي جماعتن جي خاتمي لاءِ ڪهر بڻيل هو ۽ هاڻوڪي وزير اعظم ميان شهباز شريف، اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ مخالف ڌر جي سياسي اڳواڻن جن مان هن وقت اڪثر وفاقي وزير پڻ آهن انهن کي انتقامي ڪارروائين جو شڪار ڪيو ويو ۽ جيلن ۾ قيد ڪري تڪليفون پهچايون ويون ۽ انهن سياسي قيدين کي جيل مينوئل مطابق سهولتون ڏيڻ ته ڇا پر سخت اذيت ۾ رکيو ويو. قدرت جي لٺ جڏهن ٻئي پاسي ڦري آئي ۽ جڏهن ڪپتان عمران خان گرفتار ٿي پاڻ نيب عدالت ۾ پيش ڪري رمانڊ ورتو ويو ته هو هڪ ڏينهن به جيل رهڻ لاءِ تيار نه ٿيو ۽ ملڪ ۾ 9 مئي واريون وارداتون ۽ قومي يادگارن ۽ فوجي علائقن ۾ حملا ڪرائڻ ۽ باهيون لڳائڻ ۾ ڪا به دير نه ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ اڄ ڪپتان عمران خان، سنڌس جماعت جا ڪارا ۽ ڳاڙها ٽائيگر ۽ ٽارزن، گرفتار آهن پي ٽي آءِ جا وڏا ۽ ننڍا ليڊر تمام گهڻو پريشان آهن ۽ رات ۽ ڏينهن پارٽي ڇڏي رهيا آهن. ملڪ ۽ دنيا جي ميڊيا ۽ ماڻهن کي اهي دلچسپ منظر ڏسڻ ۽ تفريح ڪرڻ وارا موقعا پڻ مليا ته ڳاڙهين اکين وارن ٽائيگرن ۾ ڀاڄ ٿيڻ ۽ عدالت جي ٻاهران پوليس جي گاڏي ڏسي گرفتاري جي ڊپ کان واپس ڊوڙ پائڻ يا فرار ٿيڻ يقينن ڪل جهڙا واقعا آهن. جيڪي ڪنهن به سياسي ليڊر يا ڪارڪن کي نٿا سونهن. ٻئي پاسي انقلاب ۽ آزادي لاءِ سموريون حدون اورانگهڻ جا اعلان ڪندڙ جوڙا جيلن مان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ بنادير معافيون لکي پنهنجي پارٽي کي ئي ڇڏي وڃڻ ۽ پنهنجي آزادي ۽ انقلاب جي علمبردار کي ڌوهاري قرار ڏئي ٻلي ڏيئي هليو وڃڻ يقينن ملڪ جي هاڻوڪي سياسي تاريخ ۾ تمام دلچسپ ۽ عبرتناڪ واقعا ضرور آهن. ملڪ ۽ عالمي ميڊيا جي سينيئر صحافين موجب، عمران خان جو جهاد پهرين آمريڪا خلاف هو هاڻي فوج خلاف آهي. خان صاحب کي نظر اچي رهيو هو ته هو جيترو بيانيو بڻائي رهيو هو اهو عمل ڪيس ملڪ ۾ گهڻو مشهور ڪري رهيو هو. ڪيترن ئي سينيئر صحافين جي چواڻي ته ڪين ڏڪ آهي ته هڪ سياسي پارٽي سان ائين ٿي رهيو آهي. هن سان ائين نه ٿيڻ گهرجي ها. فوج جهڙي اداري سان هن کي ٺاهي رکڻي هئي. عمران خان جي ڊراماٽي سياست بابت ڳالهائيندي تجزيو ڪندڙن جو اهو پڻ چوڻ هو ته عمران خان، آمريڪا، باجوا کي تنقيد جو نشانو بڻائڻ سان جيڪا مشهوري ملي ان بعد هو ان جاءِ تي نه بيلو ۽ اڳتي وڌي آيو ۽ هن موجوده آرمي چيف ۽ ٻين ذميوارن کي پڻ نشانو بڻائڻ شروع ڪيو هن جو خيال هو ته هو پنهنجي اهڙي قسم جي سياست سان تمام گهڻو مقبول ٿي رهيو آهي ۽ سنڌس جماعت جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن به ڪانئس پڇاڻو نه ڪندا. تجزيي نگارن موجب عمران خان بي صبري جو گهڻو شڪار ٿي ويو، هن کي گهرجي ها ته ٿورو صبر ڪري ها. گذريل ڏينهن ۾ حڪومت سان ٿيل ڳالهين ۾ معاملا طئي ٿي ويا هئا. بجيٽ ڪانپوءِ اسيمبليون ٽٽيون هيون. پر عمران خان بس نه ڪئي، هن اسٽيبلشمينٽ ۾ موجود ماڻهن جا نالا وٺي ڪين ٽارگيٽ ڪيو هن جيڪي بدمستي جو مظاهرو ڪيو ۽ حالتن جو درست جائزو نه ورتو ۽ نه ئي هن جي سخت عمل جي ردعمل اچڻ واري قدرت جي قانون جو ڪو خيال ڪيو ۽ 9 مئي وارا سانحا ٿيڻ ڏنا جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ جنهن تباهي ۽ بربادي جو شڪار ٿيو پر ڪپتان خان طرفان اڄ ڏينهن تائين ان جي ذميواري قبول ڪرڻ ۽ معافي يا معذرت نه ڪئي ۽ ملڪ ۾ عوام ۽ رياستي ادارن کي هڪ ٻئي سان وڙهائڻ وارو جيڪو اندوهناڪ ڪم ڪرايو اهو پاڻ عمران خان ۽ سنڌس جماعت تحريڪ انصاف جي تباهي ۽ آپگهات جو سبب بڻجي ويو آهي. تجزيي نگارن موجب، اڳوڻي وزير اعظم عمران جي بدقسمتي جي شروعات تڏهن ٿي جڏهن هن تي قومي اسيمبلي ۾ بي اعتمادي جي رٽ ڪامياب ٿي ۽ حڪومت وڃائڻ بعد قومي اسيمبلي مان نڪرڻ، صوبائي اسيمبليون ٽوڙڻ بي وقوفي، غير سياسي عمل ۽ بلنڊر هو. اهڙي ريت، عمران خان ۽ پي ٽي آءِ طرفان فوج کي تنقيد کي غداري قرار ڏيڻ جو نتيجو سامهون اچي رهيو آهي. ملڪ تي 5 سال اڳ رياستي ڪردارن جي زور سان مسلط ڪيل سونامي جماعت ۽ سنڌس قيادت جي اجتماعي آپگهات وارو منظرنامو تيزي سان مٿي اڀري رهيو آهي.

بقايا 01 ***

ملڪي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. چونڊن ڪانسواءِ ڪو حل ناهي پارٽي ڇڏڻ وارن جي حوالي سان عمران خان چيو ته جيڪي ڇڏي رهيا آهن انهن مان ڪجهه مجبور آهن ۽ ڪجهه بي نقاب آهن. نوجوان پارٽي جو بهترين سرمايو آهن ۽ ٽڪيٽ سنڌن حق آهي. جڏهن ته صدر عارف علوي آئين موجب ڪم ڪندو هن چيو ته اليڪشن رڳو پي ٽي آءِ ئي کٽيندي، مون کي گرفتار ڪيو ويو. ناهل ڪيو ويو ۽ مارڻ جي به رٿابندي ڪئي وئي. اڄ به ريفرنڊم ڪرايو ۽ نتيجو ڏسو. قسم کڻي چوان ٿو ته ڪڏهن به تشدد ۽ پيچ ڊاهه نه ڪئي. ان کان علاوه قانوني ٽيم به عمران خان سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ عمران خان ۽ سنڌس خلاف داخل ڪيسن تي قانوني مشاورت ڪئي وئي. جڏهن ته عمران خان قانوني ٽيم سان گرفتار پارٽي اڳواڻن جي آزادي بابت به ڳالهه ٻولهه ڪئي. واضح رهي ته شاهه محمود قريشي پي ٽي آءِ جو وائيس چيئرمين آهي ۽ هن وقت گرفتار آهي.

بقايا 02 ***

سامهون پيش ٿيو ۽ هن گذريل ڏينهن جو عدالتي حڪم پڙهي ٻڌايو. ان موقعي تي جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو خبر نه پئي ڪير آڊيو جاري ڪري رهيو آهي، اصلي آهن به يا نه. ٿي سگهي ٿو جن ماڻهن جون آڊيوز آهن، انهن پاڻ جاري ڪيون هجن يا ٿي سگهي ٿو ته عبدالقيوم صديقي پنهنجي آڊيو جاري ڪئي هجي. جاچ ٿيندي ته خبر پئجي ويندي. هن چيو جج کي پئسا ڏيڻ جي ڳالهه ٿي رهي آهي پر جاچ تي اسٽي اچي ٿو وڃي. جنهن بابت آڊيوز اچن ته جاچ ٿيڻ گهرجي. پرائيويسي جي آڙ ۾ ڇا ڪنهن الزام جي جاچ نه ٿيڻ گهرجي. مون کي ڪير مرضي جي فيصلي لاءِ رقم آفر ڪري ته ڇا اها گفتگو به پرائيويسي ۾ ايندي؟ ڇا رستي ۾ ڪو حادثو ٿي وڃي ته ان جي وڊيو جاري ڪرڻ پرائيويسي خلاف هوندو؟ سنڌس موجب جج جي حلف ۾ ڪليل آهي ته فرض آئين ۽ قانون تحت ادا ڪندس. انڪوائري ڪميشن هڪ قانون تحت ٺهي آهي. ڪميشن آف انڪوائري ايڪٽ تحت اها ڪميشن ناهي وئي. اسان رڳو الله جا غلام آهيون ٻئي ڪنهن جا نه. اسان کي زندگي ۾ ڪجهه اهڙا ڪم ڪرڻا پوندا آهن. جيڪي اسان کي پسند ناهن هوندا. اسان کي پٽيشنرز ٻڌائي رهيا آهن ته منع نامو آهي. توهان نٿا ٻڌي سگهو. اسان ڪجهه ڪم خوشي سان ناهيون ڪندا پر حلف تحت اهي ناسڪ ادا ڪرڻ جا پابند هوندا آهيون. اسان کي ان واڌو ڪم جو ڪجهه ناهي ملندو. اسان کي ڪهڙو زور پيو اهو سڀ ڪرڻ جو جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته ڪميشن کي ٻڌڻي کان اڳ نوٽيس ئي نه ڪيو ويو هو ته ڪم کان ڪيئن روڪيو ويو؟ انڪوائري ڪميشن کي ٻڌڻ بنا ئي 5 رڪني بئنچ آرڊر ڏئي ڇڏيو هاءِ ڪورٽس سپريم ڪورٽ جي ماتحت ناهن. سپريم ڪورٽ جو فيصلو

ماتحت عدليا ۽ ايگزيڪيوٽو تي لاڳو ٿيندو آهي پر سپريم ڪورٽ تي ناهي ٿيندو. 5 رڪني بئنچ جي آرڊر ۾ فيڊرل ازم جي ڳالهه ڪئي وئي، سپريم ڪورٽ هاءِ ڪورٽس جي نگراني نٿي ڪري سگهي. سپريم ڪورٽ هاءِ ڪورٽس جا ڪيترائي فيصلا ڪالعدم قرار ڏنا. ظاهري طور فيڊرل ازم کي تباهه ڪيو ويو. هن وڌيڪ چيو ته اسان ڪميشن جي وڌيڪ ڪارروائي نه پيا ڪيون. اسان اڄوڪي ڪارروائي جو حڪم نامو جاري ڪنداسين. واضح رهي ته گذريل ڏينهن سپريم ڪورٽ آڊيو ليڪس انڪوائري ڪميشن جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو هو.

بقايا 03 ***

پاڪستان جي خدمت ڪئي آهي ۽ پاڪستان جي لاءِ سياست ۾ آيو هئس. 9 مئي جي واقعن جي مذمت ڪئي هئي ٻيهر به ڪريان ٿو پاڪ فوج اسان لاءِ فخر آهي. ان جي ڪري ئي اسان سکون سان سمهندا آهيون ڇو ته هو اسان جي سرحدن جي حفاظت ڪندا آهن. جيڪو ٿيو اهو غلط هو ان ۾ جيڪو به ملوث هوندو ان کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻ ضروري آهي هن چيو ته ڪافي سوچ ويچار کان پوءِ اهو فيصلو ڪيو جيڪو مشڪل فيصلو هو آسان فيصلو نه هو فيصلو ڪيو آهي ته سياست ڇڏي ڏيندس. جڏهن سياست ڇڏيندس ته پي ٽي آءِ ۾ به جيڪو عهدو آهي ايم اين اي سميت سمورن تان استعيفيٰ ڏيان ٿو پاڪستان جي خدمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

بقايا 04 ***

پارٽي ۾ شموليت جي خواهش ظاهر ڪئي ۽ ايندڙ چونڊن ۾ ٽڪيٽن جو مطالبو به ڪيو ذريعن موجب ق ليگ چوڌري سرور کي رابطن جي ذميواري ڏني آهي ۽ ڪيس ٻين جماعتن سان ڳالهه ٻولهه جون ذميواريون به ڏنيون ويون آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته تحريڪ انصاف ڇڏيندڙ ميمبرن جي ايڊجسٽمينٽ جو اختيار به چوڌري سرور کي ڏنو ويو آهي. ذريعن موجب ق ليگ سان رابطو ڪندڙن جي اڪثريت جو واسطو ڏکڻ پنجاب سان آهي. فيض الله ڪموڪا جو فيصل آباد ۽ چوڌري اخلاق جو واسطو سيالڪوٽ سان آهي.

بقايا 05 ***

آهن. جڏهن ته خيبر پختونخواهه مان به ڪيترائي اڳواڻ جهانگير ترين سان رابطي ۾ آهن. ذريعن موجب ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ پي ٽي آءِ ڇڏيندڙ جهانگير ترين سان گڏ هلڻ جو اعلان ڪندا.

بقايا 06 ***

موجب سڄي ملڪ ۾ پي ٽي آءِ جي 9 ريجنل آفيسن ۽ ڊسٽرڪٽ آفيسن ۾ ملازمن کي پگهارون نه پيون ملن مُک اڳواڻن جي پارٽي سان تعلقي سبب گذريل 17 ڏينهن ۾ پارٽي اڪائونٽس مان هڪ به چيڪ ڪليئر ناهي ٿي سگهيو پارٽي ذريعن موجب پي ٽي آءِ جي ڏيلي 15 ونگز جا معاملا هلائيندڙ سوين ملازم ڳڻتي جو شڪار آهن پارٽي جو ٿنڪ ٽينڪ به ناڪاره ٿيڻ جي ويجهو پهچي چڪو آهي. جڏهن ته پارٽي طرفان شهيدن جي لاءِ جمع ٿيندڙ 5 ڊالر کان وڌيڪ رقم به نٿي ڪيرائي سگهجي. پارٽي جا سڄي ملڪ ۾ گڏيل اڪائونٽس آهن جن کي اڪيلو عمران خان آپريٽ ڪرڻ جي اهل نه آهي. پارٽي طرفان جاري ڪيل چيڪ جي ڪليئرنس لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 2 صحيحون ضروري آهن. اڪيلو عمران خان ان اڪائونٽس کي آپريٽ ڪرڻ جي اهليت نٿو رکي. فنڊز جي کوٽ سبب پارٽي جو سوشل ميڊيا سيل به ڪمزور ٿي چڪو آهي ۽ گرفتارين جي ڊپ ۽ پگهارون نه ملڻ سبب مايوس ملازمن به ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻن موجب فنڊز جي کوٽ سبب پيدا ٿيندڙ صورتحال تي عمران خان کي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن فنڊز نه ملي سگهيا ته پي ٽي آءِ کي سڄي ملڪ ۾ قائم ڪيل آفيسن کي بند ڪرڻو پوندو ۽ پارٽي سان جڙيل سوين ملازمن کي به نوڪرين مان فارغ ڪرڻو پوندو

بقايا 07 ***

سان به ملاقات ڪندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته فضل الرحمان ڪجهه ڏينهن برطانيا ۾ ترسندو، ان دوران هو مختلف شهرن ۾ پارٽي ڪارڪنن سان به ملاقاتون ڪندو

بقايا 08 ***

تي طلب ڪيو ويو آهي ۽ قومي اقتصادي ڪائونسل جو اجلاس 3 جون تي ٿيندو جنهن جي صدارت وزيراعظم شهباز شريف ڪندو جنهن ۾ نئين مالي سال جي لاءِ بجيٽ حدفن کي حتمي شڪل ڏني ويندي. پنهي اجلاسن ۾ صوبائي اختيارين به شرڪت ڪندين. ان دوران نئين بجيٽ جي لاءِ قومي ترقياتي پروگرام جو جائزو ورتو ويندو ناڻي واري وزارت موجب ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۽ وفاقي ترقياتي پروگرام جي مد ۾ 700 ارب روپيه تجويز ڪيا ويا آهن پر وزيراعظم، وفاقي ترقياتي پروگرام لاءِ هڪ هزار ارب روپيه وڌائي سگهجي ٿو بجيٽ ۾ عوام کي ريليف ڏيڻ لاءِ ڪميٽيون پڻ قائم ڪيون ويون آهن.

بقايا 09 ***

انصاف جي سيٽي کان وڏي ڪرسي تي ويٺل شخص پنهنجي عهدي کي احتساب کان بچڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي. مريم نواز چيو ته جيڪڏهن اوهان جي سس پاڪ صاف آهي ته ڇا ان کي قانون کي منهن نه ڏيڻ گهرجي؟ يا چيف جسٽس هجڻ جي ناتي ٿي قانون اوهان تي لاڳو نٿو ٿئي. مريم نواز چيو ته عمر عطا بنديال پنهنجي خاندان کي بچائڻ موجب لاءِ قانون جو مذاق ۽ عدليه کي تماشو بنائڻ جي ڏوهه ۾ سزا جو حقدار آهي.

بقايا 10 ***

خان سواتي ۽ عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد جو به ڊپلوميٽڪ پاسپورٽ منسوخ ڪيو ويو آهي.

بقايا 11 ***

استور ۾ شونٽر ٽاپ تي برفاني چپ ڪرڻ سبب 10 ڇڄا زخمي به ٿيا. حادثي واري جڳهه ڏانهن ريسڪيو ٽيمون ۽ ايمبولينسون روانيون ڪيون ويون آهن ملبي ۾ ڊٻيل ماڻهن جي لاءِ استور ۾ ڪنٽرول روم به قائم ڪيو ويو آهي. اختيارين موجب فوت ٿيل ۽ زخمي ماڻهو لاڏائو قبيلي جا هئا ملبي هيٺان دٻيل ماڻهن جي ڳولا لاءِ ريسڪيو آپريشن شروع ڪيو ويو آهي. گلگت بلتستان جي وڏي وزير خالد خورشيد برفاني چپ ڪرڻ سبب قيمتي جانين جي نقصان تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي متاثر ماڻهن کي هر ممڪن مدد ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا 12 ***

چيو پيو وڃي ته پاڪستان ۾ پيٽرول جي قيمت 100 روپيه گهٽ ٿي ويندي. اهڙين افواهن جي حوالي سان وفاقي وزير احسن اقبال پرڏيهي چينل کي انٽرويو دوران سوال جو جواب ڏيندي چيو ته پيٽرول جي قيمت 100 روپين تائين گهٽ ٿيڻ جو ايترو وڏو فرق نه پوندو پر پيٽرول جي قيمت گهٽ ضرور ٿيندي. هن چيو ته اڃان روسي تيل جي گهٽ مقدار پاڪستان پهچي رهي آهي. ڇهه مهينا يا سال کان پوءِ جڏهن روس مان وڌيڪ تيل پاڪستان ايندو ته ان سان پاڪستان ۾ پيٽرول جون قيمتون گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ملندي. احسن اقبال کان سوال ڪيو ويو ته روس مان تيل اچڻ کان پوءِ پاڪستان ۾ پيٽرول جي قيمت 100 روپيه گهٽ ڪئي ويندي؟ جنهن تي احسن اقبال پيٽرول جي قيمت 100 روپيه گهٽ ڪرڻ جي ترديد ڪري ڇڏي.

بقايا 13 ***

ڪري ڇڏيو ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عمران اسماعيل چيو ته اڄ شايد منهنجي هي آخري سياسي پريس ڪانفرنس آهي. مان پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني ميمبرن مان هڪ آهيان. ترقي، خوشحالي واري پاڪستان جو خواب ڏٺو هو. پوٽا چار سال حڪومت ۾ رهيس. اڻتجربيڪار ماڻهو عمران خان سان گڏ هئا. هن چيو ته 27 سالن جي جدوجهد کان پوءِ ملندڙ حڪومت پوٽا چار سال ۾ ختم ٿي وئي. اهو بيانو شروع ٿي ويو آهي ته پي ٽي آءِ جو مقابلو پاڪ فوج سان آهي. منهنجو خاندان فوج ۾ آهي ته پر منهنجو دل پاڪ فوج سان گڏ آهي. نئيڊيئن ۾ خواهش هئي ته جي ڊي پاڻليٽ بڻجان. عمران اسماعيل چيو ته فوجي تنصيبات تي حملو ڪندڙن کي سزا ملڻ گهرجي. 9 مئي کان پوءِ ڪجهه ڏينهن لڪندو رهيس ان کان پوءِ گرفتار ڪيو ويو هن اعلان ڪيو ته ڪنهن جو دل ٽٽو هجي ته معافي چاهيان ٿو پي ٽي آءِ ۽ ان جا سمورا عهدا ڇڏي رهيو آهيان. عمران خان اوهان کي خدا حافظ چوان ٿو ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف کي الله حافظ چوان ٿو.

بقايا 14 ***

ٻئي آڊيو ليڪ ٿي وئي آهي جنهن ۾ هو ۽ سنڌس پٽ علي چوڌري جناح هائوس حملي جي باري ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن آڊيو ليڪ ۾ اعجاز چوڌري چوي ٿو ته هنن ڪور ڪمانڊر هائوس کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. پوٽن کان ولي گهر جي ڪابه شيءِ ناهي بچي، سڀ ڪجهه تباهه ڪري ڇڏي ٿا ڇڏي وئي آهي جواب ۾ علي چوڌري چوي ٿو ته هلو صحيح آهي.

بقايا 15 ***

آڏار تي آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري. عدالت عمران اسماعيل کي بي ڏوهي قرار ڏيندي پوليس جي رپورٽ منظور ڪري ورتي ۽ عمران اسماعيل کي 50 هزار روپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو. عدالت عمران اسماعيل کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ان جو ريليز آرڊر پڻ جاري ڪري ڇڏيو آهي. جيل ذريعن موجب عمران اسماعيل کي اڄ شام تائين جيل مان آزاد ڪيو ويندو. ٻئي طرف ذريعن جو چوڻ آهي ته سنڌ جي اڳوڻي گورنر عمران اسماعيل به پاڪستان تحريڪ انصاف ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. اڄ شام تائين سنڌس طرفان پريس ڪانفرنس ڪرڻ جو امڪان آهي.

بقايا 16 ***

آءِ پيچ ڊاهه جو شڪار ٿي چڪي آهي. صوبائي صلاحڪار چيو ته نئين پارٽين کي وجود ۾ ايندي ڏسي رهيو آهيان. نئين پارٽين جي قيادت بيا ڪندا. پي ٽي آءِ کي ڇڏيندڙ (ق) ليگ، پ پ، (ن) ليگ ۽ ڪجهه نئين پارٽين ۾ شامل ٿيندا. هن وڌيڪ چيو ته عمران خان ٻاهر وڃڻ جي ڪوشش ڪندو پر ڪيس ٻاهر نه وڃڻ ڏنو ويندو. ٿي سگهي ٿو ته عمران خان ڪجهه ڏينهن لاءِ خاموشي اختيار ڪري وٺي منظور وسان چيو ته مون اڳ ئي چيو هو ته مئي يا جون جا مهينا اهم آهن انهن مهينن ۾ وڏي ڳڙ ٻڙ ٿيندي.

بقايا 17 ***

ٻي ٻي کي پيءُ ۽ پنهنجي پٽڻ ۽ ڏيڙن سان گڏجي پيٽرول هاري باهه ڏني. پوليس جو چوڻ آهي ته ناري کي زخمي حالت ۾ اسپتال نيو ويو. جتي هن بيان ڏنو ته ڪيس پيءُ، پائرن ۽ پيٽرن گڏجي سازيو آهي. پوليس موجب ناري دم ڏئي ڇڏيو. جڏهن ته 6 جوابدارن کي گرفتار ڪري داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 18 ***

کي به امتحان پاس ڪري لائسنس وٺڻو پوندو. هن چيو ته موجوده استاد به ٽيچنگ لائسنس حاصل ڪري پنهنجي گريڊ ۾ پروموشن حاصل ڪري سگهن ٿا. پرائيويٽ اسڪولن ۾ ٽيچنگ لائسنس هولڊرز کي ترجيحي بنيادن تي ڀرتي ڪيو ويندو. تعليمي سڌارن جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ 60 هزار کان وڌيڪ استادن کي ميرٽ تي ڀرتي ڪرڻ هڪ وڏو چئلينج هو جيڪو پيپلزپارٽي جي صوبائي حڪومت جي سنجيده ڪوشش سبب ڪاميابيءَ سان پورو ٿيو هن چيو ته لائسنس پاليسي ميرٽ تي استادن جي تربيت ۽ مسلسل سکيا جو عمل جاري رکڻ لاءِ وڏو فائدو ڏيندي. جڏهن ته اسٽيڊا بورڊ (سنڌ ٽيچرز ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي) آغا خان ۽ دوربين جي سهڪار سان ڪم ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ ٽيچرز ايجوڪيشن، ٽيچرز ٽريننگ ۽ لائسنس تي ٿيندڙ سنجيده ڪوشش کي جاري رکيو ويندو

بقايا 19 ***

سان 1946 ڊالر في اونس آهي

بقايا 20 ***

جي نائب سربراهه قاسم رضائيءَ جو حوالو ڏيندي ٻڌايو ته طالبان افغانستاني حدن ۾ رهندي صبح جو 10 وڳي ايراني پوليس اسٽيشن تي هر قسم جا خطرناڪ هٿيار استعمال ڪيا. اهلڪار اهو ناهي ٻڌايو ته جهڙپن ۾ ڪو جاني نقصان ٿيو آهي جڏهن ته ايراني خبرواداري موجب جهڙپن ۾ ننڍن ۽ هلڪن ننڍن هٿيارن ۽ توپ خاني جو استعمال ڪيو ويو قاسم رضائي وڌيڪ چيو ته ايراني فورسز صوبي سيستان بلوچستان ۾ ٿيل فائرنگ جو فيصلو ڪندڙ جواب ڏنو هن چيو ته ايران جي پوليس چيف سرحدي محافظن کي حڪم ڏنو آهي ته هو "بهادريءَ ۽ عزم سان سرحدن جو دفاع ڪن ۽ ڪنهن کي به سرحدن جي ڀڃڪڙي يا ان جي ويجهو جاني نقصان جي اجازت نه ڏين. جيئن ته تهران ۽ ڪابل سفارتي لاڳاپن جا پابند آهن، اسلامي جمهوريه ايران افغانستان جي ڪابل حڪومت کي تسليم ناهي ڪندو ۽ ٻنهي وچ ۾ لاڳاپا پاڻيءَ جي تڪرار تان ئي تازو ئي ڇڪتاڻ وارا ٿيا آهن.

بقايا 21 ***

مون کي مجبور ڪيو ته پي ٽي آءِ جي فلسفي کان پري ٿي وڃان. منهنجو 25 سالن جو تجربو مقامي، صوبائي ۽ قومي منصبن جا فرض ادا ڪرڻ ۾ لڳل آهي. تحريڪ انصاف جي سياسي فلسفي سان هاڻ نٿو هلي سگهان.

بقايا 22 ***

جناح اسپتال جي مسجد ۾ ادا ڪئي ويندي. ڊاڪٽر سيمي جمالي نوابشاهه مان ميڊيڪل جي تعليم مڪمل ڪئي، هن ٿائيلينڊ مان ماسٽر آف پبلڪ هيلٿ مئنيجمينٽ جي ايڊوانس ڊگري حاصل ڪئي ۽ 1988 ۾ ايم او جي پي ايم سي طور جوائن ڪيس ڊاڪٽر سيمي جمالي 1995 ۾ جي پي ايم سي جي حادثن جي شعبي جي انچارج مقرر ڪئي وئي، هوءَ 2010 ۾ جي پي ايم سي جي جوائنٽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر بڻي ۽ 6 سالن ڪانپوءِ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر مقرر ٿي.

بقايا 23 ***

گوجرانوالا ۾ ڪيا ويا جن مان گرفتار ٿيل دهشتگردن جو تعلق پابندي مڙهيل تنظيم داعش ۽ ٽي ٽي پي سان آهي. اختيارين جو ان سلسلي ۾ چوڻ آهي ته دهشتگردن وٽان بارودي مواد، خودڪش جيڪيٽ، ڊينونيٽر، هينڊ گرينيڊ، هٿيار گوليون ۽ روڪ رقم هٿ آئي آهي. گرفتار دهشتگردن جي سڃاڻپ مير احمد، حبيب الرحمان، هارون ضيا، عمران، مدثر، عديل ۽ فاروق جي نالي سان ٿي آهي. دهشتگردن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي. اختيارين موجب هلندڙ هفتي 249 ڪومبنگ آپريشنز دوران 40 شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو 12112 ماڻهن کان پڇاڳاڇا ڪئي وئي آهي. ترجمان موجب سي ٽي ڊي محفوظ پنجاب جي حدف تي عمل ڪري رهي آهي ۽ دهشتگردي جي ناسور کي جڙ کان پٽڻ جي لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 24 ***

دهشتگردن سان کي ڳالهيون نه ٿينديون واضح رهي ته تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان حڪومت سان ڳالهين لاءِ 7 رڪني ٽيم جوڙي آهي.

بقايا 25 ***

نڪتو ته گوٺ پرسان نامعلوم هٿيارٻندن مٿس حملو ڪري تيزاوزار سان گلو ڪپڻ بعد مٿس فائرنگ ڪري قتل ڪري فرار ٿي ويا. فائرنگ جي آوازن تي ڳوٺاڻا پهچي ويا جن پوليس کي اطلاع ڪيو جنهن بعد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ڇڏيو واقعي جو ڪارڻ پراڻو دشمني تڪرار ٻڌايو پيو وڃي، معلوم ٿيو آهي ته ڪجهه سال پهرين مقتول ڌر جي ماڻهن سنڌن ئي ڳوٺ جي ويجهن رشتيدارن جو قتل ڪيو هو جنهن جي پلاند ۾ استاد اله رکيو ڏاهري کي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو آهي.

بقايا 26 ***

مان اڳتاجا هٿيارٻندن هٿان اغوا ٿيل 4 سالا معصوم نينگر سمرت ڪمار جي بازيابي لاءِ پنچائتي هال کان احتجاجي ريلي ڪڍي جامع مسجد چوڪ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مکي انيل ڪمار، ڊاڪٽر شيوڪ رام، مکي راجڪمار تلريجا، سردار جسونت سنگهه، مکي ڪيلاش ڪمار جوت، ڊاڪٽر مڪيش سچواڻي ۽ ٻين چيو ته ڪشمور، ڪنڌڪوٽ سميت لاڙڪاڻو ۽ سکر ڊويزن ۾ ڌوهارين جو راڄ وڌي ويو آهي جنهن جي سرعام ڌوهاري ڦر ۽ اغوا جو وارداتون ڪري رهيا آهن جنهن سبب عوام خوف ۾ ورتل آهي. انهن چيو ته 5 ڏينهن اڳ ڪنڌڪوٽ شهر جي مرزانپور محلي مان نامعلوم هٿيارٻند 4 سالن جي معصوم نينگر سمرت ڪمار کي اغوا ڪري ويا آهن. اغوا واقعي کي 5 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس نينگر جي بازيابي لاءِ ڪو به تحرڪ ناهي ورتو جنهن سبب هندو برادري ۾ خوف جي لهر ڇانيل آهي سمرت ڪمار کي بازياب ڪرايو. هندو نوجوان اتحاد نصيرآباد پاران نصيرآباد ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي شهر جي سياسي سماجي تنظيمن جي شرڪت هندو نوجوان اتحاد نصيرآباد طرفان معصوم سمرت ڪمار جي بازيابي لاءِ هندو نوجوان اتحاد جي صدر وڪي ڪمار نانگديو، هريش ڪمار آهوجا وڪيش ڪمار وڪرم لال امپت ڪمار ڪلديپ ڪمار وڪاش ڪمار پرديپ ڪمار جتندر لال سنجي ڪمار امپت ڪمار بال چند سنيل ڪمار پرڪاش لال شنڪر لال اڳواڻي ۾ هندو پنچائت کان ارڙ پل تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڊرڙو هنيو ويو احتجاجي ريلي کي سڄاڳ شهري اتحاد جي صدر منصور سومري پي ٽي آءِ جي رب رکيو اوڍائو ۽ ٻين خطاب ڪيو. هوڏانهن هندو پنچائت ٺل جي اڳواڻ مکي بخشو مل جي سڌ تي ٺل جي مختلف سياسي سماجي مذهبي تنظيمن، هندو برادري جي ماڻهن ۽ شهرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مکي بخشو مل، مير محبوب خان سومرو، وير سنگهه لال، ڪامريڊ سرواڻ سنڌي، ڪامريڊ لياقت سرڪي، ڊاڪٽر گرمڪ داس، جئي چند لال، ارباب علي گولولال محمد پرڙو محمد حسن پرڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو. هوڏانهن قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي ڪنڌڪوٽ مان معصوم ٻار سمرت ڪمار جي اغوا واقعي کي انتهائي درندگي ۽ دهشتگردي قرار ڏيندي چيو آهي ته پيپلز پارٽي حڪومت ڌاڙيل راڄ جي خاتمي ۾ مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي. معصوم ٻار به محفوظ ناهن. پوليس کي ناقص هٿيار ۽ گاڏيون ڏيڻ جي ڪري پوليس به محفوظ ناهي، پوليس کي قانون جي حڪمراني واري ڪردار بدران انهن کي اقتداري ۽ ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ سبب ڌوهاري آزاد آهن ۽ عوام غير محفوظ آهن. عوام جي جان ۽ مال محفوظ ناهي. ڪاروبار محفوظ ناهي. هن چيو ته معصوم سمرت ڪمار جو اغوا پوليس ۽ اسان جي ادارن جي نااهلي ۽ ناڪامي آهي. اياز لطيف پليجي مطالبو ڪيو ته فوري طور تي معصوم سمرت ڪمار کي بازياب ڪرايو وڃي. اغوا ۾ ملوث ڌوهارين کي منطقي انجام تائين پهچايو وڃي، ٻئي پاسي جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زنئور چيو آهي ته سنڌ جيڪا صدين کان پنهنجو وجود برقرار رکيو اچي پئي سنڌ جي آدمشماري گهٽ ڏيکاري سنڌي قوم سان ناانصافي ڪئي وئي آهي اهڙو اظهار نري ميرواهه ۾ مختلف هنڌن تي قومي ڪارڪنن سان ڳالهائيندي ڪيو نواز خان زنئور وڌيڪ چيو ته ڊجيٽل آدمشماري ۾ اسان کي اڳ ئي خدشا هئا جيڪا ڳالهه هاڻ صاف ظاهر ٿي وئي آهي، هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ بدامني عروج تي آهي معصوم ٻارڙا اغوا ٿي رهيا آهي سمرت ڪمار کي آزاد ڪري وارثن جي بيچيني ختم ڪئي وڃي، نواز زنئور پارٽي اڳواڻ صوفي حاجن گل سان چاچا جي وفات تي تعزيت پڻ ڪئي

بقايا 27 ***

پهريان ڪراچي جي عوام کي سنڌن حق ڏي، ڪراچي جي مسئلن جو سبب سنڌ حڪومت آهي. ڪراچي ۾ احتساب عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي مصطفيٰ ڪمال چيو ته ڪراچي جي آبادي سنڌ جي ڪل آبادي کان 50 سيڪڙو وڌيڪ آهي مصطفيٰ ڪمال جو چوڻ آهي ته ڪراچي ۾ مسئلن جو وڏو سبب سنڌ حڪومت آهي، سنڌ پاڪستان جي ڪوٽا مان 36 هزار 370 مليين گيلن پاڻي حاصل ڪري ٿي، جنهن مان ڪراچي 540 مليين گيلن پاڻي ڪٽي ٿو لياقت آباد وارا سڄي لاهور شهر کان وڌيڪ ٽيڪس ادا ڪري ٿو متحده قومي موومينٽ جي اڳواڻ جو چوڻ آهي ته هو جعلي ڊوميسائيل ناهي شهر جو ڪوٽا ڪسي رهيا آهن، هن شهر ۾ هڪ به نوڪري ناهي ڏني وئي، رات جو بجلي ناهي ۽ صبح جو گئس ناهي.

بقايا 28 ***

ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. پاڪستاني آمريڪن ڊاڪٽر آصف محمود سان ملاقات ۾ سينيٽر بابت مينڊيز چيو ته هو پاڪستان ۾ گوڙ گمسان نه، استحڪام چاهيون ٿا. ڪيس پاڪستان ۾ ٻي ڏوهه گرفتار پاڪستاني آمريڪنز بابت ڳڻتي آهي. ٻي پاسي آمريڪي سينيٽر جان ڪورنين سان پي ٽي آءِ آمريڪا جي اڳواڻن سجاد برڪي ۽ عاطف خان ملاقات ڪئي. پي ٽي آءِ آمريڪا جي اڳواڻن دعويٰ ڪئي ته سينيٽر ڪورنين چيو آهي ته هو معاملو آمريڪي سينيٽ ۾ اٿاريندو ان ڪانسواءِ آمريڪي ايوان نمائندن ۾ پاڪستان ڪاڪس جي سربراهه شيلا جيڪسن طرفان به پاڪستان جي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو آهي. شيلا جيڪسن جو چوڻ هو ته پرامن مظاهرو ڪندڙن کي تحفظ هجڻ گهرجي.

بقايا 29 ***

پوليس واپس رواني ٿي وئي پي ٽي آءِ اڳواڻ راجا جڪراڻي چيو آهي ته مون کي هيسائڻ لاءِ منهنجي گهر تي ڇاپو هنيو ويو ڪنهن جي به پريشر ۾ نه آيو آهيان نه ايندس

بقايا 30 ***

تي ٿيندي. دهلي هاءِ ڪورٽ جو ٻه رڪني بينچ 29 مئي تي اين آءِ اي جي درخواست تي ٻڌڻي ڪندو واضح رهي ته گذريل سال نئين دهلي جي هڪ عدالت ياسين ملڪ کي ڪوڙي ڪيس ۾ عمر قيد جي سزا ٻڌائي هئي. جموں ڪشمير لبريشن فرنٽ جي چيئرمين ياسين ملڪ کي مارچ 2019ع ۾ گرفتار ڪيو ويو هو گذريل سال عدالت ياسين ملڪ کي دهشتگردن جي مالي سهائتا جي ڪيس ۾ عمر قيد ٻڌائي هئي.

بقايا 31 ***

تي "غدار پاڪستان" جا لفظ لکيا ويا آهن لڳايل بينرز تي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان، عمران اسماعيل، فرخ حبيب، مراد سعيد ۽ ڊاڪٽر ياسمين راشد سميت پي ٽي آءِ جي ڪيترن ئي اڳواڻن جون تصويرون لڳل آهن. تصويرن تي پي ٽي آءِ اڳواڻن کي پاڪستان جو غدار قرار ڏنو ويو آهي عمران اسماعيل جي تصوير سان گڏ ماڻهن کي فوجي تنصيبات تي حملن لاءِ ڀڙڪائڻ ۽ فرخ حبيب جي تصوير سان پاڪ فوج خلاف نفرت پکيڙڻ جو متن به داخل ڪيو ويو آهي بينرز تي ياسمين راشد جي تصوير سان گڏ ماڻهن کي جناح هائوس وٺي وڃڻ لاءِ لکيل آهي. بينرز تي پاڪستان جي غداريءَ جي ڏينهن جي مذمت به لکيل آهي ڪچهري چوڪ پرسان وال آف شير نالي هڪ وڏو بينر به لڳايو ويو آهي. جنهن تي پي ٽي آءِ جي 21 ميمبرن جون تصويرون لڳل آهن

****

بقايا سنڌيار 01

ان موقعي تي ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن سان خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو چيو ته اسان جو ملڪ پاڪستان جي مسلح فوج جي مدد سان محفوظ آهي هي ادارو متحد آهي جنهن جي نتيجي ۾ اسان جو ملڪ مڪمل طور تي محفوظ آهي ۽ مسلح فوج ملڪ جو دفاع ڪري رهي آهي. پاڪ فوج جي جوانن ۽ آفيسرن جنگ ۽ امن جي ڏينهن ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو جنگين دوران هزارين سپاهي ۽ آفيسر شهيد ٿيا ۽ دهشتگردي ۽ خلاف جنگ ۾ به دهشتگردن ۽ شرپسندن خلاف جنگ ۾ شهيد ٿيا. وقت جي ضرورت آهي ته اسان پنهنجي فوج جي هيروز جو احترام ڪيون. هن چيو ته ادارا مضبوط هوندا ته صوبا عوام جي خدمت صحيح طريقي سان ڪري سگهندا. ڊين فيڪلٽي آف سوشل سائنسز ۽ ريلي جي آرگنائيزر پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري مسلح فوجن کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته 9 مئي جو سانحو انتهائي افسوسناڪ آهي. چاڪاڻ ته شرپسند شهيدن جي يادگارن جي بي حرمتي ۾ ملوث هئا. انهن يادگارن کي تباهه ڪيو جناح هائوس، پشاور ريڊيو اسٽيشن تي حملا ڪيا ويا قومي ورثي کي به باهه ڏني وئي. هن چيو ته حساس فوجي تنصيبات تي حملا ڪيا ويا. اهو عمل بغاوت جي زمري ۾ اچي ٿو. پاڪ فوج ملڪي سلامتي، علائقائي سالميت ۽ نگراني لاءِ شاندار خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي. رياست جي حفاظتي سرشتي کي مضبوط ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. انسٽيٽيوٽ آف اسلامڪ اسٽڊيز جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر سجاد علي رئيسي پاڪ فوج جي ڪردار تي روشني وڌي. هن چيو ته فوج ملڪ جي دفاعي لائين جي حيثيت سان اسلامي دنيا جي سڀ کان وڏي فوج آهي. هن چيو ته اسان مسلم دنيا جي بهترين ايٽمي طاقت آهيون. اسان هڪ قوم جي حيثيت ۾ پاڪ فوج سان گڏ آهيون. ڊاڪٽر علي رضا لاشاري انچارج اسٽوڊنٽس سوسائٽيز سينٽر خطاب ڪندي چيو ته اسان پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو جا ٿورائتا آهيون جن جي سرپرستي ۽ قيادت ۾ پاڪ فوج سان يڪجهتي ريلي جو اهتمام ڪيو ويو آهي. ريلي ۾ وائيس چانسلر جي صلاحڪار براءِ اڪيڊمڪس پروفيسر مينهون خان لغاري، پروفيسر ڊاڪٽر لياقت علي چانڊيو، ڊاڪٽر عنايت الله پٽي، مشتاق علي خاصخيلي ۽ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پاڪستان ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ نعرا هنيا.

بقايا سنڌيار 02

رفيق وساڻ ۽ سندس پٽن گذريل ڏينهن اسان تي حملو ڪري اسان جا ٽي ماڻهون سخت زخمي ڪيا هئا ۽ گوٺ جي اسٽاپ تي اسان جي بيل ڪيبن کي ٽوڙي اجلائي ويا آهن جنهن اسان شيخ پرڪيوٽائي ريورٽ داخل ڪرائي ريورٽ داخل ڪرڻ کان پوءِ بااثر ڏمرجي پيا رات اسان جي ڪيلي جي باغ پڻ باهه ڏي ويا آهن بااثر اسان جي زرعي زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا هنن چيو ته اسان جي زمين جو ڪيس ڪورٽ سگهوري ۾ هلندڙ آهي ڪجهه ٽائيم اڳ به هنن اسان تي حملي ڪيو هو جنهن ۾ به اسان شيخ پرڪيوٽائي تي ڪيس داخل ڪرايو هو هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊومحمد خان تحفظ جي گهر ڪئي آهي ٻئي پاسي الزام هيٺ آيل رفيق وساڻ اختر وساڻ رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته زمين اسان جي آهي جنهن جا اسان وٽ زمين جو ڪاتو موجود آهي هنن چيو ته اسان ڪنهن ته به حملو ناهي ڪيو اسان جي نوجوانن جي معمولي ڳالهه تان ڏي وٺ ٿي آهي چوڪرن کي ڇڏائڻ لاءِ آئون اتي پهتس ته هنن مون تي به حملو ڪري ڏنو ياد رهي ته گذريل ڏينهن زميني تڪرار تان وساڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو هو ڪهاڙيو ۽ لٺيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا ست ڄڻا زخمي ٿي پيا هئا

بقايا سنڌيار 03

۽ پاڄاري هٽي زخمي ڪيو جن کي اٻڙان پوليس گرفتار نه ٿي ڪري هن چيو ته جوابدار ڪيس تان هٿ نه کڻڻ جي صورت ۾ جان کان مارڻ ۽ ڪوڙا ڪيس ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن ڪري اسين عدم تحفظ جو شڪار آهيون هن مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 04

ذوالفقار خاصخيلي پيراميڊڪس اڳواڻ سعود بوهيو اشرف قريشي ۽ ٻين پنهنجي خطاب ۾ الزام هڻندي چيو ته پ پ پ جي نااهل حڪومت ۾ رشوت ڏئي آيل آفيسرن جي ڪري سنڌ ۾ قبيلائي جهيڙا وڌي ويا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جو اعليٰ تعليم يافته پروفيسر اجمل ساوند بيگناهه ماريو ويو آهي. هي ۽ نااهل ۽ ڪرپٽ حڪومت 10 ڏينهن گذرڻ باوجود هڪ به قاتل اڃا تائين گرفتار نه ڪري سگهي آهي. سنڌ ۾ جهنگل جو قانون رائج آهي. ڪو به ماڻهو محفوظ ناهي. دهشتگردن ۽ قاتلن کي رشوت عيوض يا پوتارن جي سفارشن ذريعي ڇڏيو وڃي ٿو. جنهنڪري سنڌ ۾ چورن/ڌاڙيلن دهشتگردن ۽ قاتلن جو راڄ قائم آهي. هنن چيو ته شهيد اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاريءَ تائين احتجاج جاري رهندو.

بقايا سنڌيار 05

جي لائين ۽ انڊس هاءِ وي روڊ جي وچ واري سرڪاري زمين تي قبضا مافيا قبضو ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي ضلع ٽوڙي تعلق انتظاميه ڪجهه ن ڪري رهي آهي. سيوهڻ ۾ هڪ ٻيو وڏو قبضو سيوهڻ جي اڙل واهه جي مٿان ايريگيشن ڪاتي سيوهڻ جي بيلدارن جي لاءِ ٺهيل ڪوٺي جيڪا قبضا مافيا ڊاهي پيٽرول پمپ جي پلاٽ ۾ شامل ڪري ڇڏي آهي ۽ غيرقانوني اڙل واهه جي ڪپ جي لڳولڳ پمپ اڏايو ويو آهي ان پمپ جي زمين ۾ ڪجهه حصو ايريگيشن ڪاتي سيوهڻ جي زمين جو آهي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ت سيوهڻ جي قبضا مافيا ضلع انتظاميه ڄامشورو ۽ تعلقه انتظاميه سيوهڻ کان زور ٿي وٺي آهي ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ت جيڪو اڙل واهه تي پمپ اڏيو ويو آهي ان ۾ ايريگيشن ڪاتي سيوهڻ جي عملدار جو هٿ آهي. جڏهن ت مون ايريگيشن ڪاتي جي عملدار سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي پر ايريگيشن ڪاتي سيوهڻ جو انچارج سان سندس آفيس ۾ ملاقات ن ٿي سگهي ن وري ڪو ايريگيشن ڪاتي سيوهڻ جو عملدار ان بيلدارن واري ڊٺل ڪوٺي بابت قبضا مافيا جي خلاف ڪو ب قدم ن کنيو آهي. ذريعن کان اهيو ب معلوم ٿيو آهي ت قبضا مافيا ان ٺهيل پيٽرول پمپ جي زمين جا ڪاغذ پڻ ٺهرائي ڇڏيا آهن پر ڏسجي ت ان پمپ جا ٺهرايل ڪاغذ ڪيتري قدر صحيح آهن. جڏهن ت سيوهڻ جي نئين بس اسٽاپ جي پلاٽ تي قبضا مافيا قبضو ڪري ان تي تي کان چار دوڪان ڪٺائي ڇڏيا آهن جنهن جي ذريعن کان خبر ملي آهي ت جيڪي نئين بس اسٽاپ جي پلاٽ تي جيڪي دوڪان ٺهرايا ويا آهن انهن قبضا مافيا وارن کي ميونسپل ڪاميٽي سيوهڻ جي هڪ وڏي عملدار اجازت ڏني آهي. جڏهن ت سيوهڻ ۾ ٻين ڪيترن ئي سرڪاري ڪاتن جي پراپٽين تي پڻ قبضا مافيا قبضا ڪري ڇڏيا آهن تن قبضن کي هٽائڻ لاءِ ضلع انتظاميه ڄامشورو ۽ تعلقه انتظاميه سيوهڻ ڪوب ايڪشن ن ورتو آهي ان جي لاءِ سنڌ گورنمنٽ جي چيف سيڪريٽري ۽ ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن کي گهرجي ت سيوهڻ ۾ قبضا مافيا جيڪي قبضا ڪيا آهن انهن کي ختم ڪرائي ۽ جن سرڪاري ڪاتن جي پراپٽين تي قبضا ٿيل آهن انهن ڪاتن جي عملدارن کي فورن سيوهڻ مان هٽائي انهن جي خلاف قانوني قدم کنيو وڃي. ۽ سيوهڻ ۾ قبضو ڪيل سرڪاري ملڪيتن کي خالي ڪرايو وڃي.

بقايا سنڌيار 06

گجهي اطلاع تي ڏوهاري مغوي کي شيرانپور روڊ کان بلوچستان جي طرف منتقل ڪري رهيا آهن ته اهڙي اطلاع تي نبي شاهه وڳڻ ويجهو قادري شاخ لنڪ روڊ تي ناڪابندي ڪري ڇڏي، ڏوهارين پوليس کي ايندي ڏسي هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ ڌاڙيلن پنهنجو گهيرو تنگ ڏسي مغوي کي ڇڏي فرار ٿي ويا، جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن ڪيو پيو وڃي. ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد شيخ پوليس کي بروقت ڪارروائي ڪرڻ تي مبارڪباد جو پيغام ڏنو آهي

بقايا سنڌيار 07

، حمل خان خشڪ، الهداد خشڪ، اگرٽي ڪائونسلر انيل ڪمار، موتيرام چانڊيو، انور مغل ۽ ٻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاج مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي معصوم ثمرت ڪمار کي جلد آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته سنڌ اندر اغوا، ڌاڙا ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن. ڪنڊڪوٽ مان اغوا ٿي ويل معصوم ثمرت ڪمار کي هفتو گذرڻ باوجود پوليس بازياب ڪرائي ناهي سگهي هن چيو ته معصوم ثمرت ڪمار کي ڌاڙيلن جي چنبي مان بازياب نه ٿيڻ ڪري سندس گهر وارا سخت پريشان آهن ۽ سنڌ ۾ بيچيني پکڙيل آهي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته معصوم ثمرت ڪمار کي جلد آزاد ڪرائي سنڌ ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪري علائقي ۾ امن امان قائم ڪري سنڌ جي عوام کي تحفظ فراهم ڪري ڌاڙيلن خلاف آپريشن ڪري ڌاڙيل ڪلچر جو سنڌ مان خاتمو آندو وڃي

بقايا سنڌيار 08

ٿي عدالت سگهوري گلاب بيل جي بي رحمائي قتل ۾ ٻنهي جوابدارن کي 4 ڏينهن جي رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو پوليس پاران وڌيڪ جاچ جاري

بقايا سنڌيار 09

سومرو، محمد عرس، ظهور پٽي ڪفايت ابڙو ۽ ٻين چيو ته اسان ڪافي وقت کان سروس اسٽرڪچر، هيلٿ پروفيشنل، ٽائيم اسڪيل ۽ ٻين جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ سراپا احتجاج بڻيل آهيون پر صحت کاتي جا اعليٰ اختياريون خاموش تماشائي بڻيل آهن هن وقت اسپتالن ۾ ٽوڪن هڙتال آهي جيڪڏهن مطالبا منظور نه ٿيا ته ڪم ڇڏ هڙتال ڪري ويهي رهنداسين

بقايا سنڌيار 10

جوچوڻ هو ته اسان پنهنجي جائز حقن لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهيون انتهائي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ تائين وڪيلن کي ڪالونيون ناهن ڏنيون ويون ۽ نه ئي چيمبر ڏنا ويا آهن.هنن چيو ته ڊسٽرڪٽ بار پاران جيڪي به واعدا ڪيا هئا انهي پورا ناهن ڪيا ويا اليڪشن جي وقت وڪيلن کان ووٽ ته ورتا ويا هئا پر انهن سان ڪيل واعدا پورا ناهن ڪيا ويا ۽ وڪيل برادري پاران مطالبو ڪيو ويو آهي ته وڪيلن جي ڪالوني سميت جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن نه ته پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي.

بقايا سنڌيار 11

قادر بخش بروهي، گوٺ گل پيهر، گوٺ ٺارو آرائين ، گوٺ جهنگلي بروهي ،گوٺ يوسف پيهر ، گوٺ حمل جمالي، سميت تعلقه خيرپورناٿن شاهه جي 10 ٻوڏ برسات متاثر ڳوٺن ۾ گروٽ پلس ويلفيئر آرگنائيزيشن جي پاران بيجنگ ون هارٽ ۽ چائنا پاڪ يوٿ ڪميونٽي جي سهڪار سان 260 خاندانن کي خيما لڳائي ٽينٽ سٽي قائم ڪري ڏني وئي ،خيمن ۾ آيل سمورن متاثرين کي کاڌي پيتي جي شين سان گڏوگڏ مختلف ڳوٺن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جا ننڍا ننڍا پلانٽ لڳايا ويا ، چين مان آيل ٽيم خيما بستي جو جائزو ورتو ۽ متاثرين کان مسئلا پڇيا، ان موقعي تي سڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا، ڪنهن به اڻٽڻندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس جا جوان مقرر ڪيا ويا. ان موقعي تي گروٽ پلس جي صدر وسيم باري بيجنگ ون هرٽ جي باني مسٽر رابٽ چيو ته اصل عبادت انسان ذات جي خدمت ڪرڻ آهي ، اسين مختلف ڳوٺن جو دورو ڪيو آهي جتي کاڌي پيتي سميت ڪوڙ سارين سهولتن اڻلڀ آهن ،ڪيترائي خاندان بي گهر ٿي پنهنجي ٻچڙن سان کليل آسمان هيٺ نتهڻ اس ۾ بي يارو مددگار ويٺل آهن ، اسان خيما بستي قائم ڪري 260 خاندانن کي خيمن ۾ رهائش سميت کاڌ پيئڻ جون سهولتون ڏنيون آهن ،هن وڌيڪ چيو ته اسان هنن مسڪين ماروئڙن لاءِ اڃا به وڌيڪ ڪم ڪنداسين ، سرڪار کي به هنن مسڪينن جي برگهور لهڻ گهرجي .ان موقعي تي منور علي چانڊيو ،غلام نبي برهماڻي، راشد چانڊيو، هاشم آرائين ، زاهد حسين، مختيار بروهي،صدام پهر،ضمير پهر ۽ ٻين نوجوانن پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون.

بقايا سنڌيار 12

تحريڪون هلائي عوام کي سجاڳ ڪيو ۽ فتح ماڻي، ڪالاباغ ڊيم خلاف 5 لانگ مارچ ڪري هميشه لاءِ دفن ڪري ڇڏيو اهڙن خيالن جو اظهار عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ اياز ڪوسو سارنگ سولنگي ڊاڪٽر ديدار پيل آدرش ڪولهي ۽ ٻين نيشنل پريس ڪلب تي صحافين ۽ شهر ۾ واپارين شهرين کي پليجو جي پنجين ورسي جون دعوتون ڏيندي ڪيو.هن وڌيڪ چيو ته هن وقت پاڪستان خطرناڪ صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. مهانگائي بدامني لاقانونيت عروج تي آهي.سنڌ ۾ روزانو ٽيهه کان مٿي ماڻهو قتل ٿين پيا. حڪمرانن جي ڪرپشن سبب پاڪستان تي قرضن جا انبار ٿي ويا آهن.سنڌ ۾ پاڻي جي وڏي کوٽ آهي.فصل سڪن پيا. ساريالي علائقي ۾ سارين جا ٻج پوکجي ناهن سگهيا.ارسا سڄو پاڻي پنجاب کي ڏئي ڇڏيو آهي.سنڌ جي وڏي ۾ وڏي روهڙي ڪئنال جي پڇڙ جي سب ڊويزن جي 17 شاخن ۾ واري پئي اڏامي. مهيني ۾ فقط ٽي چار ڏينهن پاڻي هلي ٿو سو به پڇڙي ۾ نٿو پهچي. آدم شماري ۾ پڻ سنڌ جي آدم شماري گهٽائي وئي آهي. پاڻي جي قدرتي لنگ پراڻ ۽ هاڪوڙي تي قبضا برقرار آهن پراڻ کي زيرو پشائنٽ وٽان هن سال به نه کوليو ويو ته بدين ميرپور خاص سانگهڙ عمرڪوٽ نواب شاهه ۽ ٿرپارڪر جي بئراج ايريا ۾ چوٿون پيرو ٻوڏ اٿڻ ٿي ويندي.هن مطالبو ڪيو ته پراڻ هاڪوڙي تي ڪم تيز ڪري قدرتي لنگ کولي پاڻي جي کوٽ ختم ڪري سنڌ ۾ رهيل علائقن ۾ آدم شماري ڪري انصاف ڪيو وڃي. 7 جون تي پليجو صاحب جي پنجين ورسي ۾ ضلعي ميرپور خاص ۽ بدين ضلعي مان سوين گاڏين جو قافلو جنگشاهي ۾ شريڪ ڪرائي عظيم رهبر کي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 13

اويس قرني جي ڳوٺن شاهه اويس قرني گوٺ ڏيٺا گوٺ ٽوڙي گوٺ ابڙا گوٺ بحورا گوٺ خان محمد ڪوسو سميت 10 کان وڌيڪ ڳوٺن جي رهواسين جو پيئڻ جو پاڻي هڪ مهيني کان بند آهي جي پبلڪ هيلٿ کاتي جي نااهلي سبب اسڪيم جي موٽرجي مرمت نه ڪرائڻ سبب 15 هزار کان وڌيڪ آبادي پيئڻ جي پاڻي کان محروم آهي رهواسي 10 ڪلوميٽر مفاصلو طئي ڪري موٽر سائيڪل گڏهه گاڏن ٽينڪر ذريعي وڏا خرچ پري اڃ اجهائڻ تي مجبور آهن جڏهن ته چوپائي مال سميت جانور پڻ شديد گرمين ۾ اڃ مرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن جنهن سبب علائقي مان لڏ پلاڻ جا اطلاع پڻ مليا آهن هتان جي سماجي اڳواڻ محمد عمر ابڙو جام خان رونجهو نصير ڏيٿو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته نااهل پبلڪ هيلٿ انجنيئر کي هٽائي ڪين پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 14

ٽرسٽ " جي ڊاڪٽرن جي وفد سان ملاقات ڪئي .ال ابراهيم اکين جي ٽرسٽ پاران ڪشمور تعلقه اسپتال ۾ جلد هڪ بهترين ۽ وڏو يونٽ هڻڻ لاءِ دورو ڪيو ويو جنهن ۾ روزاني جي بنياد تي اکين جو مفت چيڪ اپ , آپريشن ۽ سرجريون پڻ مفت ۾ ڪيون وينديون ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر جوچوڻ هو ته ڪشمور ضلعي جي عوام کي صحت جون بنيادي سهولتون ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون ڪشمور ضلعي اندر ڊئلاسسز سينٽر، اين آءِ سي وي ڊي جي قيام ۽ هائي اکين جي اسپتال لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون آهن ڪشمور ضلعي جي عوام کي جلد اکين جي جديد اسپتال جو تحفو ڏينداسين . ڪشمور اين آءِ سي وي ڊي جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي جلد ان جو افتتاح ڪري ضلعي جي عوام کي صحت حوالي سان سهولت فراهم ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 15

مختلف جاين تي پناهه وٺندي لڪندا رهيا آهن هن ايس ايس پي حيدرآباد ،ايس ايس پي بدين ۽ سيشن جج حيدرآباد ۽ سيشن جج بدين کي تحفظ ڏيڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 16

